آن لائين

# ڪاوش

# دنيا

آچر 26 جولاءِ 2026ع

www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya




283هون عرس

’پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي،
ڀلائيءَ جا ڀيرَ‘-

شاهه عبداللطيف ڀٽائي

## هن پرچي جا ليکڪ


ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر
ابراهيم ڪنڀر
سعيد منگي
رڪيل مورائي
ڊاڪٽر جنيد اڪبر شاهه
قربان منگي
الهه بخش راڻوڄ
محمد اقبال جاکرو
تاشفين رضوان
عرفان هارون
الطاف ابڙو


## ڪهاڻيون


زيب سنڌي
خادم حسين جروار


## شاعري



وسيم سومرو
ليلارام
نسيم بخاري



## ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جي هلندڙ مهم ”هڪ وڻ سنڌ امڙ جي نانءُ“ تي رايا


فوزيه سنڌيلو
دولت رام ڪتري
هريش مهيشوري
گلزار احمد درس
هالار ياسين آرائين
شبير حسين ڀوت
ساحر سليم الله اوڳاهي

# شاهه جي رسالي جا مستند ڊجيٽل نسخا تيار ٿيڻ گهرجن

ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر





مجسمي ساز بدر ابڙو_ فوٽو گرافي: خدا بخش ابڙو

14 هين صفر جي صبح جو جڏهن ڀٽ شاهه تي سج جا ڪرڻا پهريان سونهري ڪرڻا پکڙجندا آهن ته ائين محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ سنڌ جو صديون پراڻو روح ٻيهر بيدار ٿيو هجي. ڀٽ جي واريءَ تي هلندڙ نرم هوا، تنبوري جي تار سان ملي، هڪ اهڙي صدا بڻجي ٿي، جيڪا وقت جون حدون ٽوڙي دلين تائين پهچي ٿي. شاهه جا فقير فقيراڻن ويسن ۾، اکين ۾ عقيدت ۽ ساهن ۾ سُر سمايو، مزار جي آڱڻ ۾ ويهي جڏهن ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جا سُر ڇيڙين ٿا، تڏهن سسئيءَ جو پنڌ، مارئيءَ جي حب الوطني، سهڻيءَ جي بهادري ۽ سارنگ جي دعا هڪ ئي وقت فضا ۾ گونجڻ لڳن ٿا.

هر سال لکين عقيدتمند شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ڀٽ شاهه پهچن ٿا. ڪو گلن جي چادر کڻي اچي ٿو، ڪو دل جون اڻپوريون مرادون، ڪو پنهنجي زخمي روح لاءِ سڪون، ته ڪو پنهنجي وڃايل خوابن لاءِ دعا. هتي امير ۽ غريب، ڳوٺاڻو ۽ شهري، پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل، سڀ فرق وساري هڪ ئي روحاني ڇانوَ هيٺ اچي ويهن ٿا. ڀٽ شاهه جي مٽيءَ ۾ اها عجيب ڪشش آهي، جيڪا انسان کي پاڻ کان وڏي ڪنهن حقيقت سان جوڙي ٿي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رڳو سنڌي شاعريءَ جو وڏو نالو نه، پر سنڌ جي اجتماعي شعور، درد، محبت، مزاحمت ۽ اميد جو زنده استعارو به آهي. لطيف درٻارن، تاجن ۽ تختن جو شاعر نه هو، هن انهن ماڻهن کي آواز ڏنو، جن کي تاريخ اڪثر خاموش ڪري ڇڏيندي آهي. سندس سورميون روايتي قصن جون ڪمزور عورتون نه، پر ارادي، مزاحمت، وفاداري ۽ حب الوطنيءَ جون روشن علامتون آهن. سسئي جبلن، واري ۽ تپندڙ رستن سان وڙهندي پنهنجي منزل ڏانهن رواني ٿئي ٿي، سندس پير زخمي ٿين ٿا، جسم ٿڪجي ٿو، پر سندس دل هار نٿي مڃي. لطيف سسئيءَ جي جدوجهد وسيلي اسان کي ٻڌائي ٿو ته، منزل رڳو آسان رستن سان حاصل ناهي ٿيندي.

”هَلُ هنيئين سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار،
قاصداڻي ڪار، ڪين رساڻي ڪيچ کي.“

مارئي لطيف جي شاعريءَ ۾ وطن جي حب، ثقافتي سڃاڻپ ۽ ضمير جي خودمختياريءَ جو نالو آهي.

مارئيءَ جو درد هر ان ماڻهوءَ جو درد آهي، جيڪو پنهنجي وطن کان پري رهي ٿو. جڏهن پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌي سُر مارئي ٻڌن ٿا ته سندن اکين آڏو پنهنجو ڳوٺ، ۽ مٽيءَ جي خوشبوءِ اچي وڃي ٿي.

ڀٽائيءَ جي وڏي عظمت اها آهي ته هن سنڌ سان محبت ڪندي سڄي دنيا لاءِ دعا گهري. سندس وطن دوستي نفرت، تنگ نظري يا ٻين قومن جي مخالفت تي ٻڌل نه هئي. هو پنهنجيءَ سنڌ لاءِ سُڪار گهرڻ کان پوءِ سڄي عالم جي آباديءَ لاءِ هٿ کڻي ٿو:

”سائينم! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار،
دوست! مٺا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.“

هي بيت رڳو دعا نه، پر لطيف جي عالمي انسان دوست فڪر جو اعلان آهي. اڄ جڏهن دنيا جنگين، نفرتن، مذهبي ڇڪتاڻ، بک، لڏپلاڻ، نسل پرستي ۽ موسمي تبديليءَ جي بحرانن ۾ گهيريل آهي، تڏهن لطيف جي هيءَ صدا اڳ کان وڌيڪ اهم بڻجي وئي آهي.

پنهنجي وطن سان محبت ۽ سڄي انسانيت لاءِ خيرخواهي هڪ ٻئي جي ابتڙ نه آهن. سچي وطن دوستي اها آهي، جيڪا پنهنجي ڌرتيءَ کي آباد ڏسڻ سان گڏ ٻين ملڪن جي سلامتي ۽ خوشحالي به گهري. اڄ جي گلوبلائيزيشن واري دور ۾ لطيف کي رڳو ماضيءَ جي شاعر طور پڙهڻ، سندس فڪر سان ناانصافي ٿيندي.

شاهه جو عرس رڳو ٽن ڏينهن جو ميلو، راڳ، چادر چاڙهڻ ۽ سرڪاري تقريبن ۽ تقريرن تائين محدود نه هئڻ گهرجي. لطيف سان سچي عقيدت جو مطلب اهو آهي ته سندس فڪر کي تعليم، تحقيق، سماجي انصاف، عورتن جي خودمختياري، ماحولياتي تحفظ، ثقافتي بقا ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ سان ڳنڍيو وڃي.

شاهه جو رسالو نوجوانن جي موبائلن، ڊجيٽل لائبريرين، تعليمي ادارن ۽ دنيا جي يونيورسٽين تائين پهچڻ گهرجي. شاهه جي بيتن کي آسان سنڌي تشريح، صحيح اچار، موسيقي، تصويرن، ڊاڪيومينٽرين، آڊيو ڪتابن ۽ جديد ايپليڪيشنن وسيلي نئين نسل تائين پهچائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل دنيا سنڌي ٻوليءَ لاءِ خطرو به آهن ۽ موقعو به. جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جا معياري ڪتاب، لغتون، آواز، شاعري، تاريخي دستاويز ۽ علمي مواد ڊجيٽل صورت ۾ محفوظ نه ٿيا، ته نئين ٽيڪنالاجيءَ ۾ سنڌيءَ جي موجودگي ڪمزور ٿي سگهي ٿي، پر جيڪڏهن يونيورسٽيون، سرڪاري ادارا، محقق، اديب ۽ نوجوان گڏجي ان سلسلي ۾ ڪم ڪن ته، لطيف جو پيغام دنيا جي هر ڪنڊ تائين پهچي سگهي ٿو.

شاهه جي رسالي جا مستند نسخا ڊجيٽل ٿيڻ گهرجن، سندس ڪلام جا معياري ترجما دنيا جي اهم ٻولين ۾ ٿيڻ گهرجن ۽ ڀٽائيءَ جي فڪر تي عالمي سطح جا آن لائن ڪورسز شروع ٿيڻ گهرجن. سندس سورمين تي فلمون، اينيميشن، ڊراما ۽ تحقيقاتي مواد تيار ڪري نئين نسل کي پنهنجي ثقافتي ورثي سان ڳنڍڻ گهرجي.

ساڳئي وقت، شاهه جي نالي سان هلندڙ غلط بيتن ۽ غير مستند شاعريءَ کي روڪڻ به ضروري آهي. سوشل ميڊيا جي وڌندڙ رجحان ۾ اڪثر اهڙا شعر به لطيف سان منسوب ڪيا وڃن ٿا، جيڪي سندس ڪلام جو حصو ناهن. لطيف سان محبت جو مطلب سندس شاعريءَ سان علمي ايمانداري ۽ ذميواري پڻ آهي.

لطيف جا بيت رڳو پڙهڻ، ياد ڪرڻ يا محفلن ۾ ڳائڻ لاءِ ناهن؛ اهي انسان جي سوچ، اخلاق ۽ عمل کي بدلائڻ لاءِ به آهن. جيڪڏهن اسان ”عالم سڀ آباد ڪرين“ ڳايون، پر

> **شاهه جي رسالي جا مستند نسخا ڊجيٽل ٿيڻ گهرجن، سندس ڪلام جا معياري ترجما دنيا جي اهم ٻولين ۾ ٿيڻ گهرجن ۽ ڀٽائيءَ جي فڪر تي عالمي سطح جا آن لائن ڪورسز شروع ٿيڻ گهرجن. سندس سورمين تي فلمون، اينيميشن، ڊراما ۽ تحقيقاتي مواد تيار ڪري نئين نسل کي پنهنجي ثقافتي ورثي سان ڳنڍڻ گهرجي.**

پنهنجي پاڙيسريءَ سان نفرت رکون، ته ان جي معنيٰ ٿي اسان لطيف کي نه سمجهيو. جيڪڏهن مارئيءَ جي ساراهه ڪريون، پر پنهنجي نياڻين کي تعليم ۽ آزاديءَ کان محروم رکون، ته اها عقيدت نامڪمل سمجهبي. جيڪڏهن سسئيءَ جي جدوجهد کي ڳايون، پر نوجوانن کي محنت، علم ۽ تحقيق بدران سفارش، مايوسي ۽ شارٽ ڪٽ جو سبق ڏيون، ته عرس رڳو رسم بڻجي ويندو. لطيف جو اصل عرس تڏهن ٿيندو، جڏهن سندس فڪر اسان جي سماجي روين، حڪمراني، تعليمي ادارن ۽ روزمره جي زندگيءَ ۾ نظر ايندو. لطيف غفلت ۽ وقت وڃائڻ کان خبردار ڪندي چوي ٿو:

”سُتي نه سرندياءِ، ڪر پچار پرينءَ جي،
وهامي ويندياءِ، گهڙيا هڻندين هٿڙا.“


هي بيت اڄ جي سنڌ لاءِ جاڳرتا جو سڏ آهي. وقت تيزيءَ سان گذري رهيو آهي. شاهه جا اصل راڳي، فقير، لوڪ فنڪار ۽ زباني روايتن جا ڄاڻو هڪ هڪ ڪري اسان کان موڪلائي رهيا آهن. جيڪڏهن سندن آواز، راڳ، علم ۽ تجربي کي هاڻي محفوظ نه ڪيو ويو ته سڀاڻي سندن صرف تصويرون رهجي وينديون، پر فن جو زنده روح وڃائجي ويندو. تنهن ڪري شاهه جي راڳ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ نئين نسل جي فقيرن جي تربيت، راڳين جي مالي سهائتا، معياري رڪارڊنگ، تحقيق ۽ بين الاقوامي موسيقيءَ جي ادارن سان سهڪار جي ضرورت آهي.

اچو ته هن عرس تي شاهه جي مزار تي رڳو گلن جي چادر نه، پر پنهنجي ضمير جو عهد به رکون. اهو عهد ته سنڌي ٻوليءَ کي جديد علم ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ٻولي بڻايو ويندو، درياهه، فطرت ۽ ماحول جي حفاظت ڪئي ويندي ۽ اختلافن باوجود انسانيت جو رشتو نه ٽوڙيو ويندو. جنهن ڏينهن اسان جا عمل شاهه جي بيتن جي عملي معنيٰ بڻجي ويندا، تنهن ڏينهن لطيف جو عرس رڳو ڀٽ شاهه ۾ نه، پر هر سنڌيءَ جي دل ۾ ملهايو ويندو. ان ڏينهن ڀٽ جي واريءَ مان اڀرندڙ محبت جي صدا نه رڳو سنڌ، پر سڄي دنيا ٻڌندي:

”سائينم! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار،
دوست! مٺا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.“ ■

# شاهه سائين جو دور دنيا ۾ وڏي تبديلي وارو هئو: هِنن جي سموري دنيا تي نظر هئي


ڊاڪٽر جنيد اڪبر شاهه (متياري)



اوهان ڪڏهن غور ڪيو آهي ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو وصال 21 ڊسمبر 1752 تي ٿيو. جڏهن ته انگريزن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪرڻ بعد آهستي آهستي سموري برصغير تي حڪومت قائم ڪئي. مطلب شاهه سائين جي وفات کان به 91 سالن کانپوءِ انگريزن جي هتي حڪومت قائم ٿي.
اها ڳالهه تمام اهم آهي ته ڀٽ شاهه شهر هينئر 2026 ۾ به هڪ تمام ننڍڙو شهر آهي، جيڪو سڄو شهر ماڻهو ويهن منٽن ۾ گهمي سگهي ٿو؛ پر جڏهن شاهه سائين ڀٽ جي دڙي تي آيا ۽ وري وصال ٿين ته سمجهي سگهو ٿا ته. هي ڪيترو ننڍڙو ڳوٺ هوندو! ايترو ننڍڙو جو ماڻهو آڱرين تي ڳڻڻ جيترا هوندا هئا. ان وقت ۾، جڏهن نه ٽيليفون هيا، نه ٽيليويزن، نه ئي ڪا اهڙي ٻي سهولت هئي، تڏهن شاهه سائينءَ جي شاعريءَ ۾ ان دور جي عالمي واپاري ۽ ساموندي دنيا سان لاڳاپيل يورپي قومن ۽ ملڪن جا نالا پئي آيا. سڀ کان مشهور مثال پرتگال، هرمز، عدن، سلان (سريلنڪا)، چين، ڪابل، ڪنڌار، روم، فارس، (ايران)، مڪران، ڪيچ ۽ ڪيچ، ته وري انگريج ۽ پورتوگال! اهي سڀ شاهه سائين جي وسيع جاگرافيائي ڄاڻ ۽ واپاري لاڳاپن تي سندس نظر جا ثبوت آهن.
”پرتگالين، پارسين، انگريزن آندا، ميربون، ماڻڪ، موتيون، جت ناٽي نانداً.“
وري چيائون:

شاهه سائين ڀٽ شاهه ۾ ويهي سنڌ ۾ محبت، انسانيت ۽ روحانيت جو پيغام ڏيڻ سان گڏ عالمي واپار، ڌارين لشڪرن جي چرپر سان گڏ هر موضوع تي شاعري به ڪري رهيو هو. ان ئي دور ۾ انگليند ۾ اليگزينڊر پوپ (1694_1778)، فرانس ۾ والٽيئر (1694_1778) اسڪاٽ ليند ۾ جيمس ٿامسن (1700_1748)، جاپان ۾ يوسابوسن (1716_1748) ۽ چين ۾ ڪائوزِيُوڪن (1715_1763) فڪري ڪم ڪري رهيا هئا.

”انگريج ۽ پورتوگال وڻج وهايا واهڻ،
سمندن سندن سنپال پيرا پريا پاڻ سان
همرز، هيرا، سيلان جا موتي!
شاهه سائين انساني نفسيات، سماج، سفر ۽ عورت جي عظمت، آزادي، مزاحمت، امن، فڪر، محبت ۽ امن جو شاعر آهي. سندس موزون ڪردار ۽ سُرَ عالمي ادب جي وڏن موضوعن سان هم آهنگ نظر اچن ٿا. شاهه سائين ڀٽ شاهه ۾ ويهي سنڌ ۾ محبت، انسانيت ۽ روحانيت جو پيغام ڏيڻ سان گڏ عالمي واپار، ڌارين لشڪرن جي چرپر سان گڏ هر موضوع تي شاعري به ڪري رهيو هو. ان ئي دور ۾ انگليند ۾ اليگزينڊر پوپ (1694_1778)، فرانس ۾ وولٽيئر (1694_1778) اسڪاٽ ليند ۾ جيمس ٿامسن (1700_1748)، جاپان ۾ يوسابوسن (1716_1748) ۽ چين ۾ ڪائوزِيُوڪن (1715_1763) ۾ فڪري ڪم ڪري رهيا هئا.
شاهه سائين مختلف قومن کان به واقف هو. عرب، ايران، افغانستان ۽ هندستان جا علائقا سندن ذهني نقشي ۾ هئا. سندن شاعري عالمي ادب جي وڏن موضوعن سان هم آهنگ نظر اچي ٿي ۽ اهڙا ڪيترا ئي نالا ملن ٿا، جن سان سندن وڏي ڪردار ۽ حيثيت جي خبر پوي ٿي ته، هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ ويهي، اهو سڀ ڀيا ٻڌائين ۽ ان ٽڪرَ جي ڀيا شاعري ڪن، جيڪا دنيا ۾ ٻين پئي ڪئي.
جڏهن شاهه سائينءَ جن سنڌ ۾ بيت چئي رهيا هئا، تڏهن دنيا جي ٻين حصن ۾ ڪي اڃا سوچي رهيا هئا، ڪي شاعري ڪري رهيا هئا، ڪو فلسفو پيش ڪري رهيو هو ته، ڪو سمنڊ مان ملڪ فتح ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هيو. پاڻ انهن جون سڀ تصويرون نقش ڪندا ويا.
شاهه سائينءَ جو دور دنيا ۾ وڏين تبديلين جو دور هو. يورپ ۾ روشن خيالي (Enlightment)عقل، آزادي ۽ علم بابت نوان خيال پيش ڪيا پئي ويا. انگليند ۾ اخلاقي ۽ فڪري شاعري، فرانس ۾ مذهبي عدم برداشت، ظلم ۽ فڪري جمود تي تنقيد، جرمني ۾ موسيقي ۽ روحانيت جي بلندين تائين بحث، يوسابيوشن ۾ فطرت تي اثرائتي شاعري ۽ فلسفو، سائنس ۽ ادب، نوان لاڙا اختيار ڪري رهيا هئا. انهن سيني ۾ ڀٽ شاهه مان به آواز اڀري رهيو هو. سندن لهجو مختلف هو، ٻولي جدا هئي، پر سوال ساڳيا هيا ته: انسان ڪير آهي؟ محبت ڇا آهي؟ سچ ڇا آهي؟ سفر جي منزل ڪهڙي آهي؟ ۽ انسان جي اصل عظمت ڪهڙي ڳالهه ۾ آهي؟ شاهه سائين ڀٽ شاهه جي ننڍڙي ڳوٺ ۾ ويهي به عالمي منظر نامي ۾ موجود هئا.
تنهن ڪري اسان سنڌ جي شاهه کي ڪتابن ۽ ڀٽ شاهه کان ٻاهر به ڏسڻ جي ڪوشش ڪريون. هنن تي ڪا پوسٽ ڊاڪٽوريٽ



ٿئي ۽ اُن وقت جي شاعرن، همعصرن، اسڪالرس ۽ تحقيق ڪندڙ سان ڀيٽ ڪجي ۽ انهن جي خيالن سان به سندس خيالن کي ملايون ۽ اهو ضرور ڏسون ته. هنن جي تخيلاتي اڏام ڪيڏي وڏي هئي.
شاهه سائين جي وصال کي لڳ ڀڳ ٽي صديون گذري چڪيون آهن، پر وقت جي وهڪري سندن عظمت کي گهٽائڻ بدران اڃان وڌيڪ نمايان ڪيو آهي. افغانستان، هندستان، پاڪستان، انگليند، فرانس، جرمني، روس، آمريڪا، جاپان، چين، آسٽريليا ۽ ٻين ڪيترن ملڪن جا محقق، شاعر ۽ دانشور شاهه سائين جي شاعريءَ مان فڪري روشني حاصل ڪندا رهن ٿا.
شاهه سائينءَ جي عالمي سڃاڻپ سندن فڪر، امن، رواداري، انساني عظمت، عورت جو احترام، فطرت سان هم آهنگي، ظلم خلاف مزاحمت ۽ روحاني آزادي جي ڪري سرحدن کان آزاد ٿي عالمي سفير جي آواز واري ٻڌجي وئي آهي.
اڄ اها اسان جي ذميواري آهي ته شاهه سائين جي شاعري تي تحقيق ۽ ان جا معياري ترجما ڪرائجن، ڊجيٽل آرڪائيو ٺاهجي، بين الاقوامي ڪانفرنسون ڪوٺائجن ۽ يونيورسٽين ۾ شاهه سائين تي نئين تحقيق ڪرائجي. ■


ٽائيٽل تي ڏنل مجسمو: _فقيرو سولنڪي

# هڪ وڻ سنڌ امڙ جي نانءِ



## ماحولياتي بگاڙ هڪ وڏي عالمي جنگ آهي

انور ابڙو


گذريل جمع، 24 جولاءِ کان جمع، 31 جولاءِ 2026 ع تائين ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين پاران ”هڪ وڻ سنڌ امڙ جي نانءِ“ جي عنوان سان هڪ هفتو ملهائجي رهيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ماڻهن کي اپيل ڪئي وئي آهي ته هو پنهنجي شهر، ڳوٺ، پاڙي، گهٽي، گهر ۽ رستي تي وڌيڪ نه، ته رڳو هڪ ٻوٽو لڳائين، هڪ وڻ لڳائين ته، جيئن هِن ڌرتي ماتا کي ٺاري سگهجي، باهه پيدا ڪندڙ ماحول کي ماٺو ڪري سگهجي ۽ بمن ۽ بارودن، جنگين ۽ لڙاين کان وڌيڪ، خاموشيءَ سان هلندڙ، ماحولياتي تباهيءَ واري هن عالمي جنگ کي ختم ڪري، انسان ۽ ٻين ساهدارن کي جيئندان وٺي ڏيئي سگهجي.

ماحولياتي تباهيءَ وارو مسئلو رڳو ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جو ناهي، اهو مسئلو رڳو اوهان ۽ اسان جو ناهي، اهو مسئلو رڳو هڪ فرد يا هڪ قوم جو ناهي، پر اهو مسئلو اسان سڀني جو آهي، دنيا ۾ رهندڙ سمورن انسانن جو آهي ۽ دنيا جي سمورين قومن جو آهي. ڀل ته مريخ تي ماڻهو رهڻ جا خواب ڏسندا هجن، پر تيستائين هِن ڌرتيءَ جي گولي کي ماحولياتي تباهيءَ جي گولي نه هڻو. ان کي بچايو، ته جيئن اسان جي کاڌ خوراڪ جا وسيلا بچن، اسان جو پاڻي بچي، اسان جي ماحول جي گرمي گهٽجي، سوڪهڙو نه اچي، مينهن پون، ڏڪار مُنهن نه ڪڍي، سڪار هجي، خوشحالي هجي، هر ماڻهو پنهنجي جيون جو مزو ماڻي، ۽ انسان وڌيڪ بهتر دنيا ڏانهن سفر ڪري، اوڏانهن وڃي، جتي سرسبز دنيا هجي، جتي پاڻي جالارو هجي، جتي ندين جون اکيون ڀريل هجن، جتي سمنڊ رومڙ ڪري اڳتي نه وڌي، جتي سج بدن نه ساڙي ۽ جتي جنهن به پهرَ ۾ نڪرجي ته اهو عاشقاڻو لڳي. اهڙي ماحول جي قيام جي لاءِ ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جي هن وقتائتي ڏنل سڏ جي موٽ ڏيو. ڪو هڪ ٻوٽو لڳايو. اهو اوهان پنهنجي نئين نسل جي جيئڻ جو جڻ ته ضامن پيدا ڪري ٿا وجهو. ■

نثري نظم

## جنهن هڪ وڻ پوکيو، تنهن ڄڻ هڪ موسم بچائي

وسيم سومرو



پيسفڪ جي نيري پاڻيءَ مان، هڪ
ڳري ڳُٽتي نڪري آئي آهي،
ايل نينو جي گرم لهرن ڌرتيءَ جي
چهري تي باهه جهڙا نشان ڇڏيا
آهن.
بادل پنهنجو رستو وساري ويٺا
آهن،
اڄ سان گڏ افق تي ڀٽڪي رهيا
آهن.
نديون چپ چاپ ٿي پنهنجي ئي
وهڪري ۾ سُتيون پيون آهن،
چوماسو جڻ ڪنهن ٻئي شهر جو مسافر هجي،
ٻنين تائين پهچڻ ئي وساري ويٺو آهي.
مٽيءَ ۾ ٻجَ اکيون کولي مينهن جو انتظار ڪري رهيا آهن،
هر گهڙيءَ هڪ اڌورو خواب زمين ۾ ساهه ڪٽي ٿو.
هاريءَ جي اکين مان سائو رنگ ڄڻ لڏي ويو آهي،
ساريون، ڪپهه، ڪمند، ۽ مڪئيءَ جا سنگ هاڻي ويرانين جي ڳالهه ڪن ٿا.
جبل پنهنجا اڇا وار آهستي آهستي وڃائي رهيا آهن،
برف، گرم هوا هيٺ پگهر بڻجي وهي رهي آهي،
گليشيئرن جي اکين ۾ خطري جا پاڇا صاف ڏسجن ٿا.
ڪٿي ڏڪار ڌرتيءَ جي چپن ۾ ڏار وجهي ٿو،
ته ڪٿي اوچتو ٻوڏ صدين جي صبر کي هڪ ئي پل ۾ لوڙهي وڃي ٿي.
شهر ڪنڪريٽ جا ڀيٽ بڻجي ويا آهن،
وڻن جا پاڇا يادن وانگر گهٽجي رهيا آهن،
۽ پکي هاڻي آسمان کان وڌيڪ وڻن کي ڳولي رهيا آهن.
راتيون به هاڻي باهه جهڙي گرمي ڪٽي سُمهن ٿيون،
ٿڌڪارَ ڪنهن وساريل ڪهاڻيءَ وانگر
وقت جي ڪنڌ ۾ ويڙهيل پئي آهي.
ٻار، پوڙها، مزدور، ۽ هاري سڀ گرميءَ جي گهيري ۾ ٻيٺل آهن،
اڃ، بک، بيماري، ۽ خوف نئين چهري سان هر در تي گهمي رهيا آهن.
اڃان به وقت اسان جي هٿن مان مڪمل نه نڪتو آهي.
ڌرتيءَ جي ڌڙڪڻ ٻڌو، پاڻيءَ جي هر ڦڙي کي زندگي سمجهو،
جنهن هڪ وڻ پوکيو، تنهن ڄڻ هڪ موسم بچائي ورتي.
فطرت سان نڀائيندا سين،
ته ڌرتي وري مرڪندي ۽ شايد،
ايل نينو به انسان جي شعور اڳيان پنهنجو رخ بدلائي ڇڏي. ■

# هڪ وڻ سنڌ امڙ جي نالي

فاصلاتي ڪچهري

ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين گروپ پاران 24 جولاءِ کان 31 جولاءِ تائين ”هڪ وڻ سنڌ امڙ جي نالي“ جي نالي سان وڻ پوکڻ جي مهم جو هڪ هفتو ملهائجي رهيو آهي. ان سلسلي ۾ اسان پنهنجي مهربان پڙهندڙن اڳيان هيءُ سوال رکيو: ”ڇا اوهان به ان مهم ۾ شامل ٿيا آهيو؟ جي ها ته، اوهان ڪهڙي شهر يا ڳوٺ ۾ ٻوٽو پوکيو آهي؟ ۽ جي هينئر تائين ان مهم جو حصو ناهيو بڻيا ته ڇا ايندڙ ڏينهن ۾ ڪو ٻوٽو پوکڻ جو ارادو ڪيو آهي اوهان؟“ ان سوال جا جيڪي جواب آيا، تن مان چونڊ هتي ڏجن ٿا. _ انچارج

## سنڌ امڙ جي نالي ٿي وڻ پوکيا اٿم: وڏيڪ مون ڪي املتاس جو هڪ وڻ پوکڻو آهي

**فوزيه سنديلو**

مون رڳو هڪ وڻ نه پر سنڌ امڙ جي نالي وڻن جي روپ ۾ خواب پوکيا آهن. ڪراچيءَ ۾ منهنجي پياءُ تصوير، ڳوٺ لاءِ گل مهر، چمپا ۽ رات جي راڻيءَ جون چَڪيون وٺي رکيون ته مون چيس، ”مون ڪي هڪ املتاس جو وڻ پوکڻو آهي.“
بابا جي پوکيل جن پيلن سهڻن گلن جي هيٺان رانديون ڪيون هيم، سي وڻ سال ٿيا سڙي، ڌرتيءَ جي سيني ۾ سمائجي ويا آهن، پر اهي يادن ۾ رهجي ويا آهن. هڪ سهڻي خواب وانگر ذهن جي اسڪرين تي اڪثر انهن جون جهلڪيون اينديون رهنديون آهن. مون املتاس جي روپ ۾ هڪ خواب پوکيو آهي، جڏهن وڏي وڻ ٿيندو ۽ ان جي هيٺان ڇڻندڙ پيلن گلن هيٺان منهنجا ٻار ويهي راند ڪيڏندا، تڏهن سمجهنديس ته خواب حقيقت جو روپ ورتو آهي. سنڌ امڙ جي نالي ٿي وڻ پوکيا اٿم. ٻي ڳالهه ته منهنجي پياءُ تصوير، ڪراچي کان ڪيترائي گل مهر جا ٻج به آندا آهن، جيڪي پنهنجي گهر ۽ پنهنجي سئوٽ جي گهر پوکرايا آهن.

## اسان ميرپور خاص ۾ وڻڪاري مهم ۾ حصو ورتو آهي

**هريش مهيشوري-**
**هاءِ اسڪول ٽيچر، ميرپورخاص**



روزاني ڪاوش، روزاني ڪوشش، ڪي ٽي اين، ڪي ٽي اين نيوز، ڪشش ميوزڪ چينل جا مالڪ: محترم محمد اسلم قاضي، محترم محمد ايوب قاضي ۽ محترم اطهر اسلم قاضي هميشه نوان، منفرد ۽ وقتائتا لاڙا متعارف ڪرائڻ ۾ اڳيرا رهيا آهن. هلندڙ هفتي دوران سندن ”هڪ وڻ سنڌ امڙ جي نالي“وارو اعلان سچ پچ ته ڏاڍو وقتائتو ۽ ساراهه جوڳو عمل آهي، ڇاڪاڻ ته هينئر ساونڻيءَ جي مند شروع ٿي چڪي آهي ۽ اهڙي وقت تي نوان ٻوٽا لڳائڻ سنڌ پرڳڻي لاءِ هڪ سٺو سنئون ثابت ٿي سگهي ٿو_ ۽ اسين سڀئي اڳتي وڌي پنهنجي حصي جو هڪ ٻوٽو لڳائي سموري سون ورني سنڌ کي گدلاڻ ۽ ماحولياتي آلودگي مان آجو ڪرائي سگهون ٿا.
ٻين سنڌ واسين جيان اسان به ميرپورخاص ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر ادي خيرالنساءِ مغل جي سهڪار سان اوڙي پاڙي توڙي شهر ۾ وڻڪاريءَ واري مهم ۾ حصو ورتو آهي ۽ شهر جي سونهن ۾ جوڳي واڌاري توڙي گدلاڻ کي ٻنجو ڏيڻ ۾ اهم ڪردار پڻ ادا ڪيو آهي. ان سان گڏ بحيثيت هڪ سينيئر استاد جي، 3 آگسٽ تي اسڪول کلڻ سان ئي اسڪول ۾ به جشنِ آزادي واري مهم سان گڏ وڻڪاريءَ واري مهم ۾ حصو وٺڻ جو ارادو آهي، جنهن سان شاگردن ۾ به اتساهه پيدا ٿيندو ۽ اهي پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ هڪ سونهارو موچارو مثال پيش ڪندا.

**دولت رام ڪتري-**
**مٺي**

ڪاوشۓ ڪي ٽي اين پاران ”هڪ وڻ سنڌ امڙ جي نالي “ سان وڻ پوکڻ واري انهيءَ مهم ۾ اسان کي عملي طور تي شامل ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو ماحولياتي تبديلين جي اثرن کان بچڻ ۽ وڌندڙ گرمي پد کي روڪڻ لاءِ وڻ پوکڻ ضروري آهن. ان مهم جي سلسلي ۾ اسان کي وڻ پوکڻ لاءِ پنهنجي شهر، ڳوٺ ۽ واهڻ وستيءَ ۾ ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي.
اسان تعليمي ادارن ۾ به وڻ پوکڻ واري مهم ۾ ضرور شامل ٿيا آهيون. اڃان به اسان وڻ پوکڻ جي مهم ۾ شامل ٿيڻ جو ارادو رکون ٿا.

## ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جي سڏ ۾ سڏ ڏيندس


**گلزا احمد درس-**
**ڳوٺ خليفو نبي بخش**

وڻ ماحول کي بهتر ڪن ٿا، ڇانوَ ڏين ٿا ۽ ماحول کي پُرسڪون بڻائين ٿا، تنهن ڪري ماحول دوست وڻ پوکي، ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جي سڏ ۾ سڏ ڏيندس ۽ وڻ پوکڻ وارو جيڪو پنهنجو فرض آهي، اهو هڪ قرض سمجهي پنهنجي ڳوٺ خليفو قاسم ۾ وڻ پوکيندس. اسان سيني کي موسمياتي تبديليءَ کي نظر ۾ رکندي پنهنجي آسپاس وڻ لڳائڻ گهرجن ۽ وڻن جي اهميت ۽ افاديت بابت ٻهراڙيءَ ۾ جاڳرتا مهم هلائڻ گهرجي. وڻ لڳائڻ جي حوالي سان گورنمينٽ ۽ اين جي اوز کي پڻ ڪوششون وٺڻ گهرجن، ته جيئن موسمي تبديلين ۾ اسان پُرسڪون ماحول ۾ ساهه کڻي سگهون.

## اسان ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جي مهم جو حصو آهيون

**هالار ياسين آرائين-**
**ڦلجي اسٽيشن**

ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين پاران ”هڪ وڻ سنڌ امڙ جي نالي“ جي عنوان سان هلندڙ مهم وقتائتي ۽ قومي ذميواريءَ جو احساس ڏياريندڙ قدم آهي. اسان به پاڻ کي ان مهم جو حصو سمجهون ٿا. جيتوڻيڪ مون اڃان تائين ڪو ٻوٽو نه لڳايو آهي، پر تمام جلد




پنهنجي گهرن، اسڪولن ۽ ٻين ادارن ۾ وڻ پوکي پنهنجي ڌرتيءَ کي سرسبز، شاداب ۽ ماحول دوست بڻائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين.
اڄ عالمي سطح تي موسمياتي تبديلي (Climate Change) خطرناڪ حدن تائين پهچي چڪي آهي، جنهن جا اثر اسان جي ماحول، زراعت ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل تي پئجي رهيا آهن. اهڙي نازڪ صورتحال ۾ هر شهريءَ جو فرض آهي ته هو وڻڪاري کي پنهنجي قومي ۽ اخلاقي ذميواري سمجهي اڳتي وڌي. ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جي ان مثبت، شعور پيدا ڪندڙ ۽ عوامي ڀلائيءَ واري مهم کي جيترو به ساراهجي، اهو گهٽ آهي.

## ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جي سڏ تي مون وڏيڪ وڻ لڳايا آهن

**شبير حسين پوٽ**

”ڪاوش“ ۽ ”ڪي ٽي اين“ جي پاران ”هڪ وڻ سنڌ امڙ جي نالي“ واري عنوان سان هلندڙ مهم جي سلسلي ۾ مان اهو ٻڌائيندو هلان ته، مون پنهنجي گهر ۾ اڳ به وڻ لڳايا هيا ۽ تازو ڪي ٽي اين ۽ ڪاوش جي سڏ تي پڻ مون وڏيڪ وڻ لڳايا آهن. اميد آهي ته سنڌ امڙ سان، پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ڪندڙ، پنهنجي محبوب جيجل سنڌ ڌرتي جي خاطر هڪ وڻ لازمي لڳائيندا ۽ ڌرتي سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندا .

## ٿي وڻ ٻچڙن جي نالي

**ساحر سليم الله اوڳاهي-**
غوثپور

الله پاڪ جي رحمتن سان منهنجا ٽي ٻار آهن: ڪشف سليم، صدف سليم ۽ محمد شافع سليم اوڳاهي. انشاءَ الله انهن ٽنهي جي نالن سان پنهنجي گهر ۾ ٽي وڻ پوکيندس، جيڪي وقت سان گڏ وڏا ٿي گهر ۾ وڏي ڇانءَ ڪندا. ■



# سنڌ ۾ رڳو 2 سيڪڙو ايراضيءَ تي ٻيلا موجود: ماحولياتي تباهي وڌندڙ

محمد اقبال جاکرو



ڪنهن به ملڪ جي متوازن ماحول، صحتمند ماحولياتي نظام ۽ پائيدار معيشت لاءِ عالمي طور تي اهو اصول مڃيو ويجي ٿو ته ان جي ڪل ايراضيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ 20 کان 25 سيڪڙو حصو ٻيلن تي مشتمل هئڻ گهرجي. بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ ائين ناهي. پاڪستان اڪنامڪ سروي 2026 ۽ ورلڊ بينڪ جي تازن انگن اکرن موجب ملڪ ۾ ٻيلن جو ڪل تناسب لڳ ڀڳ 4.7 سيڪڙو آهي، جيڪو تقريباً 4.11 ملين هيڪٽرس تي پکڙيل آهي، جڏهن ته هر سال لڳ ڀڳ 11 هزار هيڪٽر ٻيلا ختم ٿي رهيا آهن. اها صورتحال نه رڳو ماحولياتي عدم توازن کي جنم ڏئي رهي آهي، پر ملڪ جي زرعي معيشت، آبي وسيلن، حياتياتي تنوع ۽ موسمي استحڪام لاءِ پڻ هڪ وڏو خطرو بڻجي چڪي آهي.

سنڌ ۾ اها صورتحال وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳي آهي، جتي پيداواري يا سنڌونديءَ جي ڪناري ۽ آبپاشي وارا ٻيلا صوبي جي ڪل ايراضيءَ جو رڳو تقريباً 2 سيڪڙو آهن. جيتوڻيڪ گذريل ڪجهه سالن دوران تمر (مينگرووز) ٻيلن جي بحاليءَ لاءِ ڪيل ڪوشش سبب انهن جي ايراضيءَ ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي، پر مجموعي طور سنڌ اڃا به ٻيلن جي شديد کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي. عالمي تناظر ۾ ڏٺو وڃي ته جپان ۾ ٻيلن جو تناسب لڳ ڀڳ 67 سيڪڙو، ڏکڻ ڪوريا ۾ 63 سيڪڙو، ملائيشيا ۾ 55 سيڪڙو، ويٽنام ۾ 47 سيڪڙو، ڀارت ۾ 24 سيڪڙو ۽ بنگلاديش ۾ 15 سيڪڙو آهي. انهن انگن اکرن جي ڀيٽ ۾ پاڪستان ۽ خاص طور سنڌ جي انتهائي گهٽ شرح ماحولياتي بحران جي شدت کي واضح ڪري ٿي.

سنڌ جي تاريخي ۽ جاگرافيائي سڃاڻپ ۾ ٻيلن کي هميشه اهم حيثيت حاصل رهي آهي، پر انتظامي غفلت، غيرقانوني ڪٽائي، زمينن تي قبضا، زرعي توسيع ۽ پاڻيءَ جي مسلسل کوٽ سبب هي قدرتي دولت تيزيءَ سان ختم ٿيندي رهي آهي. اندازن موجب 1947ع کان پوءِ سنڌ پنهنجي لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو تاريخي ٻيلن کان محروم ٿي چڪي آهي.

سنڌو درياهه جي ڪنارن تي موجود ڪچي جا مشهور ٻيلا، جتي ٻبر، ۽ ٻين مقامي وڻن جون گهاٽيون قطارون هونديون هيون، اڄ اهي تقريباً ختم ٿي چڪيون آهن. ساڳيءَ طرح ساحلي ۽ نئين علائقن جا قدرتي ٻيلا، جن ۾ سونامنديءَ جهڙا علائقا به شامل هئا، غيرقانوني ڪٽائي ۽ زرعي زمينن ۾ تبديليءَ سبب سخت متاثر ٿيا آهن. سانگهڙ جو مشهور مَکيءَ جو ٻيلو ۽ گهوٽڪي جو سرڙ وارو ٻيلو پڻ قبضاخوري، بنا هٻڪ ۽ رنڊڪ وڻن جي ڪٽائي ۽ لاڳاپيل ادارن جي غفلت سبب تقريباً مفقود ٿي چڪا آهن. واهن ۽ نهرن جي ڪنارن تي موجود آبپاشي يا نَهري ٻيلا به پاڻيءَ جي کوٽ، ناقص سار سنڀال ۽ غيرقانوني قبضي سبب تيزيءَ سان ختم ٿي رهيا آهن، جن ۾ پائي، ڪپرو، مياڻي ۽ ٻيا ڪيترائي علائقا شامل آهن.

ٻئي طرف سنڌ جي ساحلي پٽي ۽ انڊس ڊيلٽا ۾ موجود تمر جا ٻيلا اميد جي هڪ اهم علامت بڻجي سامهون آيا آهن. ماضيءَ ۾ انهن جي ايراضي گهٽجي لڳ ڀڳ 80 هزار في هيڪٽر تائين محدود ٿي وئي هئي، پر سنڌ فاريسٽ ڊپارٽمينٽ، ڊبليو ڊبليو ايف ۽ ڊيلٽا بليو ڪاربن جهڙن منصوبن جي گڏيل ڪوشش سان هاڻي انهن جي ايراضي وڌي تقريباً 240 هزار في هيڪٽر تائين پهچي چڪي آهي، جڏهن ته ڪجهه ڪاٿن موجب اها ايراضي ان کان به وڌيڪ آهي. ان باوجود، مٺي پاڻيءَ جي کوٽ، ساموندي چاڙهه، آلودگي ۽ غيرقانوني ڪٽائي اڃا تائين انهن لاءِ سنجيده خطرو آهي. ساڳئي وقت سنڌو درياهه جي ڪنارن تي موجود ٻيلا پڻ شديد دٻاءَ هيٺ آهن ۽ انهن جي بقا مسلسل خطري ۾ آهي.

ٻيلا رڳو وڻن جا جهڳٽا ناهن، پر اهي زندگي، معيشت ۽ ماحولياتي استحڪام جو بنيادي ٿنڀ آهن. اهي فضا مان ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ڪري موسمي تبديليءَ جي شدت کي گهٽائين ٿا، هوا کي صاف ڪن ٿا ۽ گرميءَ جي لهرن جي اثرن ۾ گهٽتائي آڻين ٿا. معاشي لحاظ کان اهي ڪاٺ، ٻيون غير ڪاٺي شيون، روزگار جا موقعا ۽ مقامي آباديءَ لاءِ آمدنيءَ جا ذريعا فراهم ڪن ٿا. خاص طور تمر جا ٻيلا ساموندي حياتيات لاءِ انتهائي اهم آهن، ڇاڪاڻ ته تقريباً 90 سيڪڙو ساموندي مڇين جي اپت ۽ حياتيءَ جو سڌو يا اڻسڌو لاڳاپو انهن سان جڙيل آهي. ان کان علاوه ٻيلا جهنگلي جيوت کي رهائش ۽ خوراڪ فراهم ڪن ٿا، جڏهن ته ٻوڏن، ساموندي طوفانن، مٽيءَ جي ڪٽائي ۽ زمين جي تباهيءَ کان قدرتي بچاءَ جو ڪم پڻ سرانجام ڏين ٿا.

جڏهن ڪنهن ملڪ ۾ ٻيلن جو تناسب گهربل حد کان تمام گهٽ ٿي وڃي ٿو ته ان جا نتيجا انتهائي سنگين نڪرندا آهن. موسمي تبديلي وڌيڪ شدت اختيار ڪري ٿي، گرميءَ جون لهرون وڌن ٿيون، خشڪيءَ جو دور ڊگهو ٿيندو وڃي ٿو ۽ پاڻيءَ جا وسيلا متاثر ٿين ٿا. ٻيلن جي کوٽ سبب ٻوڏن ۽ ڏڪارن جا اثر به وڌيڪ تباهه ڪندڙ بڻجن ٿا، جيئن 2022ع جي تباهه ڪندڙ ٻوڏ دوران ڏٺو ويو. ان سان گڏ جنگلي جيوت جا مسڪن ختم ٿين ٿا، ڪيترائي پکي، جانور ۽ حشرات ناياب يا معدوم ٿيڻ جي خطري ۾ اچي وڃن ٿا. زرعي زمينن ۾ مٽيءَ جي ڪٽائي، بنجر ٿيڻ، لوڻياٺ وڌڻ ۽ پاڻيءَ جي کوٽ جا مسئلا به شدت اختيار ڪن ٿا. نتيجي طور ڪاربن جي نيڪال ۾ اضافو، ماحولياتي خدمتن ۾ گهٽتائي ۽ قومي معيشت کي به وڏو نقصان پهچي ٿو.

ان بحران جا بنيادي سبب واضح آهن: غيرقانوني وڻن ڪٽائيءَ سان لاڳاپيل مافيا، زرعي ۽ رهائشي مقصدن لاءِ ٻيلن جي زمينن جي تبديلي، درياهن ۽ ڊيلٽا تائين پاڻيءَ جي گهٽ فراهمي، غربت، ٻارڻ لاءِ ڪاٺ تي ڀاڙڻ، ڪمزور قانوني عملداري ۽ لاڳاپيل ادارن جي ناقص نگراني ان تباهيءَ جا اهم ڪارڻ آهن.

انهيءَ صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري آهي ته ٻيلن جي تحفظ بابت قانونن تي سختيءَ سان عمل ڪرايو وڃي ۽ سيٽلائيٽ ۽ ڊجيٽل مانيٽرنگ ذريعي غيرقانوني ڪٽائيءَ جي مسلسل نگراني ڪئي وڃي. مقامي برادرين جي شموليت سان بحاليءَ جا پروگرام وڌيڪ وسيع ڪيا وڃن، خاص طور ڊيلٽا بليو ڪاربن جهڙن ڪامياب منصوبن کي ٻين علائقن تائين وڌايو وڃي ۽ سنڌو درياهه ۽ انڊس ڊيلٽا تائين ماحولياتي ضرورتن موجب پاڻيءَ جي منصفاڻي فراهمي يقيني بڻائي وڃي، ڇاڪاڻ ته پاڻي کان سواءِ درياهي ٻيلا ۽ تمر جا ٻيلا ڊگهي عرصي تائين زنده نٿا رهي سگهن.

ان سان گڏ ٻيلن جي تحفظ، واڻ ۽ ڪاربن جي جذب ڪرڻ واري عمل کي هٿي ڏيندڙ عالمي پروگرام، ڪاربن ڪريڊٽ ۽ ٻين عالمي ماحولياتي رٿائن مان فائدو وٺندي ٻيلن جي واڌ، بحالي ۽ تحفظ کي قومي ترقيءَ جي ترجيحن ۾ شامل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

جيڪڏهن پاڪستان، خاص طور سنڌ، پنهنجي ٻيلن جي تحفظ ۽ واڌ لاءِ سنجيده ۽ مستقل قدم نه کنيا ته موسمي تبديلي، پاڻيءَ جي کوٽ، زرعي بحران، حياتياتي تنوع جي تباهي ۽ معاشي نقصان مستقبل ۾ وڌيڪ سنگين صورت اختيار ڪندا. تنهن ڪري ٻيلن جو تحفظ رڳو ماحولياتي ذميواري نه، پر ملڪ جي خوراڪي سلامتي، اقتصادي استحڪام ۽ ايندڙ نسلن جي بقا سان جڙيل هڪ قومي فرض آهي. ■

پاڪستان اڪنامڪ سروي 2026 ۽ ورلڊ بينڪ جي تازن انگن اکرن موجب پاڪستان ۾ ٻيلن جو ڪل تناسب لڳ ڀڳ 4.7 سيڪڙو آهي، جيڪو تقريباً 4.11 ملين هيڪٽرس تي پکڙيل آهي، جڏهن ته هر سال لڳ ڀڳ 11 هزار هيڪٽر ٻيلا ختم ٿي رهيا آهن. عالمي تناظر ۾ ڏٺو وڃي ته جپان ۾ ٻيلن جو تناسب لڳ ڀڳ 67 سيڪڙو، ڏکڻ ڪوريا ۾ 63 سيڪڙو، ملائيشيا ۾ 55 سيڪڙو، ويٽنام ۾ 47 سيڪڙو، ڀارت ۾ 24 سيڪڙو ۽ بنگلاديش ۾ 15 سيڪڙو آهي. انهن انگن اکرن جي ڀيٽ ۾ پاڪستان ۾ 5 سيڪڙو ۽ خاص طور سنڌ جي انتهائي گهٽ شرح، به سيڪڙو ماحولياتي بحران جي شدت کي واضح ڪري ٿي.

ڪتاب: ڪارونجهر کي مون ڏٺو - ليکڪ: ادل سومرو

# ٿوري تعريف ٿوري تنقيد

رڪيل مورائي



هيءُ ”ڪارونجهر کي مون ڏٺو“ ادل سومري صاحب جو اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ الڳ الڳ موضوعن تي الڳ الڳ وقتن تي لکيل سندس ليک شامل آهن. انهن ۾ ڪي شيخ اياز صاحب سان سندس گهاريل وقت جون يادگيرين نما لکڻيون آهن، ڪي ڪن موقعن تي ڪانفرنس لکرايل ۽ پڙهايل مضمون آهن، ڪي ضروري ۽ غير ضروري اهڙين وضاحتن جي دائري ۾ آهن، جن جي ادل سومري صاحب پاران ضرورت ڪي محسوس ڪندي، چڻ شيخ اياز بابت ڪيل شخصي ۽ ادبي تنقيد جا جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪيل هُجي.

ڪنهن به طرح ادل سومري صاحب اياز صاحب سان زندگيءَ جو گهڻو وقت گذاريو آهي، ان ڪري سندس اهو سڀ لکيل جيڪو اياز صاحب جي شخصي زندگيءَ بابت آهي، اهو ان ڪري مون لاءِ نهايت اهم آهي ۽ واهه واهه توڙي نماءَ کان ٻاهر آهي جو اهي سڀ ڳالهيون سندس اکين اڳيان ٿيل آهن، جنهن سبب اهي اعتبار ۽ اعتماد واريون آهن. مان اهي قبول ڪرڻ وارن شخصن مان هڪ آهيان، جو ڪجهه وقت مون به اياز صاحب سان گذاريو آهي ۽ پڪ سان منهنجي عمر وارن سيني دوستن مان ادل سومرو اهو خوش نصيب شخص توڙي ليکڪ آهي، جنهن گهڻو وقت اياز صاحب سان گذاريو آهي، جيڪي هن پاڻمرادو اياز صاحب جي شخصيت بابت لکيا آهن. اياز صاحب جي شاعريءَ بابت لکڻ وارا ڪيترائي آهن ۽ اڳتي هلي اجا وڌيڪ ڪيترائي اچڻ وارا آهن، پر اياز صاحب سان زندگيءَ جون ڪي گهڙيون، ڪي پهر، ڪي ڏينهن، ڪي هفتا، ڪي مهينا ۽ ڪي سال گڏ گذارڻ وارن مان شايد ادل سومرو اهڙو شخص ۽ ليکڪ آهي، جنهن جو، مان ممڪن حد تائين اياز صاحب جي ڪا مستند جيوٽي (بايوگرافي) لکڻ لاءِ، ڪنهن وقت به، بنا هٻڪ جي نالو ڪٽي سگهان ٿو.

هن موڙ تي ادل سومري کي، اياز صاحب جو نقاد طور قبول ڪرڻ مون کي ايترو ئي ڏکيو لڳندو، جيترو سولو ادل کي ارجن حاسد کي نقاد لکندي محسوس ٿيو آهي. ارجن حاسد سنڌي غزل خوبصورت شاعر ته آهي ئي، پر هن کي نقاد يا شاعريءَ جو نقاد يا شيخ اياز جي شاعريءَ جو نقاد قبولڻ مون لاءِ ڏکيو آهي. ڪنهن به حوالي ۾ هو صرف شاعر آهي.

ادل سومري جي هن ڪتاب جو آخري ليک ارجن حاسد جي شيخ اياز جي بيتن سان اَسهمتي بابت هڪ اهڙو ليک آهي، جنهن جي لکڻ جي منشا ادل

ادل سومري جي هن ڪتاب جو آخري ليک ارجن حاسد جي شيخ اياز جي بيتن سان اَسهمتي بابت هڪ اهڙو ليک آهي، جنهن جي لکڻ جي منشا ادل جي من ۾ چو جاڳي، اهو سمجهڻ کان، مان گهڻي ڪوشش جي باوجود قاصر آهيان. مون کي ٻي ڳالهه به چوڻ گهرجي ته، ادل سومري صاحب پاڻ لاشعوري طور اياز صاحب جي پيار ۽ محبت جي گهرج توڙي احترام جي گهرج کي سامهون رکندي، ڪِن وضاحتن ۾ اهڙو ئي ڪجهه لکي يا اڳ لکيل لکڻين کي ورجائي يا پنهنجي لکڻ ۾ حوالي طور ڄاڻائي، ان غير اهم يا بغض جي اثر هيٺ لکيل لکڻين تي اهميت پريو هجڻ جي مهر هڻي ڇڏي آهي. شايد دل ۽ دماغ اتي اچي، هڪ ٻئي کان دور ٿيندا آهن.

جي من ۾ چو جاڳي، اهو سمجهڻ کان، مان گهڻي ڪوشش جي باوجود قاصر آهيان. ارجد حاسد جي اَسهمتي ته قبولڻ جهڙي آهي، پر سندس بيتن ۾ ڪيل ترميمون ادب ۾ يا علم ۾ هڪ اهڙي ماستر/استاد جهڙيون آهن، جيڪو هڪ شاگرد کي سمجهائڻ تي زور ڏيندو آهي، ته بابا تعلق ”ت تاري سان لکبو ط طوطي سان نه.“ ارجن حاسد جي سمهتي يا اَسهمتي جو حق (بريڪيٽ) ۾ رکندي مون کي ٻي ڳالهه به چوڻ گهرجي ته، ادل سومري صاحب پاڻ لاشعوري طور اياز صاحب جي پيار ۽ محبت جي گهرج توڙي احترام جي گهرج کي سامهون رکندي، ڪِن وضاحتن ۾ اهڙو ئي ڪجهه لکي يا اڳ لکيل لکڻين کي ورجائي يا پنهنجي لکڻ ۾ حوالي طور ڄاڻائي، ان غير اهم يا بغض جي اثر هيٺ لکيل لکڻين تي اهميت پريو هجڻ جي مهر هڻي ڇڏي آهي. شايد دل ۽ دماغ اتي اچي، هڪ ٻئي کان دور ٿيندا آهن.

سنڌيءَ ۾ چيو ويندو آهي ته ”جڏهن پاڻ ڪنهن کي سڌي طرح سچ چئي نه سگهبو آهي يا اسهمتي نه اظهاري سگهبي آهي ته، اتي ٻئي ڪنهن به فرضي نالي جو سهارو وٺبو آهي،“ اهڙو ڪجهه به، چوڻ واري جي سهمتي جو اظهار ئي ڪري ليکبو آهي. پڪ سان اهڙو ڪجهه به ادل سومري جهڙي اياز صاحب سان جڙيل، احترام ڪندڙ ۽ پيار ڪندڙ ليکڪ دوست بابت مان لکي ته، چا سوچي سگهڻ بابت انڪاري هوندي به ڪيترين جڳهين تي هن لاجواب ڪتاب جي ليکڪن سان اَسهمتي ساندييان ٿو.

پڪ سان مان اهو سمجهان ٿو ته ادل جو هيءُ ڪتاب اياز صاحب جي ڪڏهن به مستند جيوٽي لکڻ لاءِ هڪ اهم حوالي طور ڪم ايندو، ۽ ان ۾ ڪي به ٻه ڳالهيون نه آهن. تنهن ڪري ادل سومري کي اهڙي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، ڪنهن يونيورسٽيءَ جي اسائنمينٽ طور ئي سهي، اهو ڪم هٿ ۾ ڪٽي. اهو ڪتاب اياز صاحب بابت شخصي طور اٿاريل يا گهڙيل گهڻين ڳالهين جي چنڊڇاڻ ڪندو، جيڪا چنڊ ڇاڻ ڪنهن حد تائين هيءُ ڪتاب لکڻ وقت ادل


آهي هڪ گهر جي ڀاتيءَ وانگر، هڪ ننڍي عمر جي دوست وانگر، هڪ جونيئر ليکڪ/شاعر وانگر ۽ سکر جي حوالي سان هڪ شهري/ڳوٺائيءَ وانگر. ان لاءِ ڪنهن ٻيءَ شاهديءَ جي گهرج نه آهي.

ادل کان وڏي عمر وارن ۾ رشيد ڀٽي صاحب ۽ پوءِ فتاح ملڪ صاحب اهڙو درجو رکن ٿا. ائين اياز گل صاحب ۽ مختيار ملڪ صاحب. ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب جي ويجهو رهيا آهن. اياز صاحب جي حوالي ۾ رشيد ڀٽي صاحب جو اهو پوڳ نه چاهيندي به هتي ورجايان ٿو، جنهن رشيد ڀٽيءَ چيو هو، ”ادل، اياز صاحب جو منشي هُئو.“ جيتوڻيڪ ادل وانگر هوند اسان به اياز صاحب جا منشي ٿيڻ، دلي طور پسند ڪيون، چوڻ توڙي لکڻ ۾!

۽ منهنجو سچ اِهو آهي ته هن ڪتاب ۾ ادل سومري جا الڳ الڳ صنفن ۾ ڏنل شعر اياز صاحب لاءِ هڪ اهڙي ميجتا آهن، جيڪا نه فقط اياز صاحب جي قبوليت/ميجتا/پيتا جو عيوضپٽو ادا ڪن ٿا، پر هڪ پيار ۽ محبت کي پڻ ظاهر ڪن ٿا، ان ڪري جو ادل سومرو بنيادي طور شاعر آهي ۽ هو محبت ۽ عقيدت جو بنيادي حق شاعريءَ ۾ ئي ادا ڪري سگهيو آهي.

ائين ممڪن ناهي ته هر شاعر جو نثر به ايترو ئي سندس ضابطي ۾ هجي، جيترو شاعري هوندي آهي، ۽ اها ڳالهه مان ادل بابت چوندي به شايد نه لنوايان. هو شاعر آهي ۽ پڪ سان اياز صاحب واري نسل کان پوءِ پنهنجي نسل جي انهن شاعرن مان آهي، جن جي اثر کان موجوده سنڌ جي شاعرن جو هڪ وڏو حصو الڳ نه آهي. اتي اچي اياز گل صاحب جو حصو الڳ بيان ڪرڻ جهڙو آهي. پيارو مختيار ملڪ گهٽن ڪمن ۾ نه ڦاسي ها ته هو سنڌي شاعريءَ کي گهڻو ڪجهه ڏيڻ وارو هُئو، تنهن هوندي هن جو تجرباتي شاعريءَ ۾ پنهنجو هڪ حصو آهي. سندس شاعراڻا تجربا پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

ادل سومري صاحب اياز صاحب بابت پنهنجي لکڻين جو هيءُ ڪتاب سهيڙي اياز صاحب کي جيڪا پيتا ڏني آهي، اها گهڻي ساراهڻ جوڳي آهي. سندس اهي مضمون جيڪي ڪِن موقعن تي پڙهڻ لاءِ ڪانفرنس لکرايا ويا هئا، انهن سيني کان وڌيڪ مون کي انهن ليکن موهيو




سائين ڪري سگهيو ٿي، جيڪو ڪري نه سگهيو آهي.

ٻيءَ طرح بيحد خوبصورت لي آئوٽ سان، لاجواب پني تي، پڪي جلد سان ڪاڇو پبليڪيشن جو ڇپيل هيءُ ڪتاب ٽن حصن ۾ ورهايل آهي: پهرئين حصي ۾ شخصي ليک آهن، جن ۾ ادل جون يادگيريون ۽ ساٿس گذاريل وقت جا لمحا شامل آهن. ٻئي حصي ۾ اياز صاحب کي شاعريءَ جي حسين پيتا آهي، جيڪا هڪ وڏي شاعر جي مرتبي کي ڇِٽو ڪري ٿي ۽ آخري ٽئين حصي ۾ ڪجهه مضمون/مقالا آهن، جيڪي اياز صاحب جي شاعري ۽ سندس ڪن ڪتابن جي جائزي طور لکيا ويا آهن. ڪنهن به طرح هيءُ ڪتاب اياز شناسيءَ جي دائري ۾ ايندڙ اهم ڪتاب آهي. ان کان ٻاهر سنڌي ادب ۾ هن ڪتاب جي اهميت هڪ کان وڌيڪ حوالن ۾ جڙي بيهندي. تعريفي، تنقيدي ۽ اپياسي ادب ۾ هيءُ ڪتاب اهم ڪري ڳڻايو ويندو، اهڙي پڪ آهي.


هن ڪتاب جي نالي کي ڏسي پل ڏيان ڪنهن تحقيقي ڪتاب ڏانهن ويندو هجي، پر هي ڪتاب تخليق ۽ تنقيد جي حوالي کان سواءِ تعريفي حوالو به جوڙي ٿو. ادل سومرو ان تي ڪيتري به تعريف لهڻي، اها گهٽ سمجهڻ گهرجي. ڪتاب ان کان وڏو آهي ۽ ڪتاب جي قيمت ان کان به گهٽ آهي. اکين کي بيحد وڻندڙ هن ڪتاب ۾ 168 صفحا آهن ۽ ڪتاب جو مُلهه 800 رپيا آهي. مون کي پڪ آهي ته ڪنهن به ٻوليءَ جي ڪتاب کان سنڌي ٻوليءَ جي ڪتاب جي قيمت گهٽ آهي. ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي، جيڪا في الحال ملڪ جي اردو ٻوليءَ جي ڪتابن سان ئي سهي. هونئن دنيا جي ڪرنسيءَ ۾ سنڌي ڪتاب سستو آهي، اها پڪ سمجهڻ گهرجي. ■

## پروفيسر اي آر ناگوريءَ جا ڄامشوري جا ڏينهن

# سائين ناگوري صاحب چيو هو، ”مون کي ڄامشوري جي گمنام پهاڙين ۾ دفنائجو“

سعيد منگي





منهنجو مانائتو استاد، عالمي سطح جو ناميارو مصور ۽ پاڪستان جو پهريون ”سوشيو پوليٽيڪل آرٽسٽ“ سائين پروفيسر اي آر (عبدالرحيم) ناگوريءَ سماج جي ڪيترن ئي اهم موضوعن تي دليري ۽ بي باڪيءَ سان تصويرون ٺاهي هڪ نئين تاريخ ڇِتي آهي. ناگوري صاحب آرٽ جي مختلف موضوعن تي روزاني ”ڊان“ اخبار ۾ ڪيئي مضمون به لکيا. ساڻس اڪثر ڪچهرين ۾ سياست، سماج ۽ آرٽ جي مختلف موضوعن تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهندي هئي. ناگوري صاحب آرٽ جي انسائيڪلوپيڊيا هيو. دنيا جي اهم آرٽسٽن جي آرٽ جي ايتري ڄاڻ هئس، جو پينٽنگس جا موضوع، اسٽائيل، ٽيڪنيڪ، سائيز ۽ سال به ڇتي نموني ياد هوندا هئس. اسان حيران ٿيندا هئاسين، جو جنهن به آرٽسٽ جو ساڻس ذڪر ڪندا هئاسين، ته ان جا سڀ تفصيل ٻڌائيندو هيو. دنيا جي تاريخ ۽ سنڌو ماتريءَ متعلق به ناگوري صاحب جو واضح Vision هوندو هيو.

سماجي اڻ برابري، زيادتين ۽ هر ظلم خلاف، مظلومن جو سگهارو آواز بڻجي، پنهنجي فن پارن ۽ لکڻين ۾ ان جو اظهار ڪندو هيو. پاڻ هڪ عام سنڌي ماڻهوءَ جي احساسن کي به سمجهندو هيو ۽ عورتن جي حقن کي به رنگن وسيلي ظاهر ڪندو هئو. خاص ڪري ٿر جي عورت جي مسئلن ۽ ٿر ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ کي خاص اهميت ڏئي ان کي آرٽ جو موضوع بڻايائين. ڪيترا ئي ڀيرا اسان شاگردن سان ڳالهه ٻولهه دوران پنهنجي ننڍڙي بئگ مان پنو ۽ پين ڪڍي، خط لکي ونندو هيو ۽ پوءِ لفافي ۾ بند ڪري، ٽڪلي هڻي، ڏيندو هئو ته، پوسٽ واري دٻي ۾ وجهي اچو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ”ڊان“ ۾ ڇپيل پنهنجو آرٽيڪل اسانکي ڏيکاريندو هيو. ناگوري صاحب کي ميڊيا خاص طور تي ”ڊان“ اخبار تمام گهڻي اهميت ڏيندي هئي.

ڪراچيءَ ڪا نمائش ڏسڻ يا ناگوري صاحب سان ملڻ ويندا هئاسين ته، پاڻ پنهنجن دوستن سان وڏي فخر سان ملائيندو هيو. انهن نامور آرٽسٽن ۾ علي امام، ساجد حسين، ڪمال احمد رضوي ۽ ڪجهه ٻيا شامل هوندا هئا.

انڊس آرٽ گئلري، ڪراچيءَ ۾ ٿيل سنڌس پينٽنگس جي ٿيل هڪ نمائش ۾ شرڪت لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي پوري فائن آرٽ شعبي جا شاگرد، شاگردياڻيون ۽ استاد سنڌ يونيورسٽي جي بس ڪري پهتا هئاسين. خاص ڳالهه اها ته، اسان جي پهچڻ کان اڳ ۾ ناگوري صاحب ڪچهريءَ ۾ جڏهن سائينءَ ڄامشوري جو پڇيو ته، اسان ڪيس اُتان جا احوال ڏنا سي، ته سائين خوش ٿيو ۽ چيائين، ”توهانجي اچڻ سان ڄامشوري جي خوشبوءِ آئي آهي. ڄڻ ڄامشورو اچي ويو آهي.“ ماحول خوش مزاج ٿي ويو. ٿڪن جو هڳاءُ هيو. ڪيترين يادگيرين تازيون ٿيون. ٿڪ ڏيندي ناگوري صاحب جي اکين ۾ ڳوڙها موتين جيان پئي چمڪيا. سائينءَ هڪ حيران ڪندڙ ڳالهه ڪئي. چيائين ته، ڪراچيءَ ۾ گولين جا آواز ۽ گندرف جي بدبوءِ آهي. مان مري وڃان ته، مون کي ڄامشوري جي گمنام پهاڙين ۾ دفنائجو، تمام گهڻو سڪون هوندو اتي....“ اسان ڪن پل لاءِ خاموش ٿي وياسين.

> ڪچهريءَ ۾ جڏهن سائينءَ ڄامشوري جو پڇيو ته، اسان ڪيس اُتان جا احوال ڏناسي، ته سائين خوش ٿيو ۽ چيائين، ”توهانجي اچڻ سان ڄامشوري جي خوشبوءِ آئي آهي. ڄڻ ڄامشورو اچي ويو آهي.“ ماحول خوش مزاج ٿي ويو. ٿڪن جو هڳاءُ هيو. ڪيترين يادگيرين تازيون ٿيون. ٿڪ ڏيندي ناگوري صاحب جي اکين ۾ ڳوڙها موتين جيان پئي چمڪيا. سائينءَ هڪ حيران ڪندڙ ڳالهه ڪئي. چيائين ته، ڪراچيءَ ۾ گولين جا آواز ۽ گندرف جي بدبوءِ آهي. مان مري وڃان ته، مون کي ڄامشوري جي گمنام پهاڙين ۾ دفنائجو، تمام گهڻو سڪون هوندو اتي....“ اسان ڪن پل لاءِ خاموش ٿي وياسين.

نمائش جي تقريب شروع نه پئي ڪئي. گئلريءَ جي ڪيوريٽر ۽ آرٽسٽ: علي امام، ناگوري صاحب کي شاندار پيتا پيش ڪئي هئي، ۽ نمائش ۾ رکيل سنڌس فن پارن تي تفصيل سان ڳالهايو هو.

ان موقعي تي ڪيل پنهنجي تقرير ۾ ناگوري صاحب ڪيترين ئي اهم ڳالهين ڪيون هيون. مون خاص طور تي، اها سڄي تقريب پنهنجي وڊيو ڪئميرا M1000 ۾ VHS ڪيسٽن ۾ رڪارڊ ڪئي هئي. اها ڪئميرا چاچا قربان منگيءَ مونکي نئين وٺي ڏني هئي. سائين ناگوري صاحب پنهنجي تقرير ۾ ڄامشوري جو خاص ذڪر ڪيو هو، ۽ چيو هو ته اُتان جي شاگردن جو مون تي خاص اثر آهي، جيڪي وڏو شعور رکن ٿا، ۽ سهولتن جي اڻاٺ باوجود سٺو ڪم ڪن ٿا. اسان اهو ٻڌي نري پيا هئاسين. ناگوري صاحب ڄامشوري کي پسند ڪندو هيو، ۽ چوندو هيو ته، سنڌ جو شعور ۽ مزاحمت، ڄامشوري کان وڌيڪ ڪٿي ڪونهي. ان ڪري ئي ڄامشوري ۾ اڪثر شاگردن سان ڪچهرين ۾ مصروف هوندو هيو.

مونکي ياد آهي ته منهنجي دوست منوج ڪمار، جيڪو انگريزي شعبي ۾ پڙهندو هئو، اسان جو بئچ فيلو هو ۽ هاسٽل ۾ گڏ رهندا هئاسين، ان کي آرٽ سان تمام گهڻي دلچسپي هوندي هئي. اسان ٻنهي گڏجي سائين ناگوري صاحب کان هڪ تفصيلي انٽرويو ڪيو هئو.

ان کانسواءِ سائين ناگوري صاحب سان، ٽيچرس هاسٽل واري سنڌس ڪمري تي ڪيل ڪيترين ئي ڳالهين ياد آهن، پر افسوس ان جون رڪارڊ ٿيل آڊيو ڪيسٽون گم ٿي ويون.

منهنجا ڪلاس فيلوز: مير مظفر ٽالپر، مجيب ڪيهر، نعمت خلجي، مان، احسان شاهه ۽ ٻيا پنهنجي ڪلاس ليڪچر توڙي ڪچهرين ۾ تفصيلي گفتگو ڪندا هئاسين. اسان فائن آرٽس شعبي مان، منجهند جو آفيس ٽائيم ختم ٿيڻ کان پوءِ، ناگوري صاحب کي، ڪيمسٽري شعبي پرسان پهاڙين تان لهندي، ٽيچرس هاسٽل تائين پنڌ ڇڏي ايندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن پوليين تي وڻ هيٺان چانو ۾ طالب گوپانگ جي گاڏيءَ تي قائم ڪئنٽين تي چانهه پيئندا هئاسين ۽ ڪجهه ڪائي پي وٺندا هئاسين.

ٽيچرس هاسٽل تي ڇڏي اچڻ کانپوءِ ناگوري صاحب چوندو هيو ته، ”هاڻي ڪجهه دير آرام ڪندس. توهان شام ضرور اچجو...“ پوءِ شام جو وري سائينءَ وٽ پهچندا هئاسين، ته واڪِ تي نڪرندا هئاسين... ٽيچرس هاسٽل کان وي سي هائوس، پوءِ علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار وارو روڊ ۽ سنڌالاجيءَ کان ٿيندا، انڊس هاءِ وي روڊ کان ٿي، يونيورسٽيءَ اندر، مارئي هاسٽل کان مڙندي واپس ٽيچرس هاسٽل ۾ اچي، سائينءَ جي ڪمري تي ڪچهري ڪندا هئاسين. رستي ۾ مارئي هاسٽل پرسان مگ ڦرين ۽ فروٽ وٺندا هئاسي، جيڪو ڪچهريءَ دوران کائيندا رهندا هئاسين.

ڪچهري ڪندي گهڻي دير ٿي ويندي هئي ته، سائينءَ وٽ ماني به کائيندا هئاسي، يا وري اتان اٿي سائين انور علي شاهه يا سائين بدر سومري وٽ ڪچهري ڪندا هئاسين، ۽ انهن وٽ ماني به کائيندا هئاسين. ان وقت سنڌ يونيورسٽي سوسائٽيءَ ۾ ڪي چند گهر ئي ٺهيا هئا، باقي سڄي ويران هوندي هئي.

ناگوري صاحب سادگي پسند ۽ معصوم طبعيت جو مالڪ هئو. شام جو اڇي رنگ جو پهراڻ پاتل هوندو هئس. سنڌس ڪمرو بلڪل خالي. ڪجهه ڪتاب ۽ ٿورڙو سامان رکيل هوندو هيس. ڪتاب ۽ اخبارون اڪثر پڙهندو رهندو هيو.

پروفيسر ناگوري صاحب بنيادي تعليم سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي هئي، پوءِ پنجاب يونيورسٽيءَ مان فائن آرٽس ۾



تعليم حاصل ڪيائين. جتي ناميارِي مصوره ”انا مولڪا“ (Anna Molka) ناگوري صاحب جي استاد رهي. ان کانپوءِ ناگوري صاحب پاڪستان ۾ آرٽ جي مختلف ادارن ۾ بانيڪار جي حيثيت سان ڪم ڪيو. پاڪستان ايئرفورس ۾ سيڪنڊ ليفٽيننٽ جي حيثيت ۾ آرٽ جا ادارا ٺاهيائين. ڪوهاٽ ۾ سائين ابراهيم جويي سان ملاقات ۾، سنڌ ۾ آرٽ جو شعبو قائم ڪرڻ جي صلاح ڪيائين. پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ان وقت جي وائس چانسلر غلام مصطفيٰ شاهه صاحب 1970ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فائن آرٽس جو شعبو قائم ڪيو ۽ ناگوري صاحب جو باني چيئرمين بڻيو. بعد ۾ جڏهن سائين غلام مصطفيٰ شاهه تعليم جو وفاقي وزير بڻيو ته، ناگوري صاحب کي نيشنل ڪاليج آف آرٽس لاهور جهڙو آرٽ ڪاليج ڄامشوري ۾ ڊزائين ڪرڻ لاءِ چيائين، جيڪو ڪم سنڌ يونيورسٽيءَ جي نگرانيءَ ۾ شروع ڪيو ويو. بعد ۾ اهو سنڌ يونيورسٽيءَ وفاقي وزارتِ تعليم کي هلائڻ لاءِ واپس ڪيو. انهن وري مهراڻ يونيورسٽيءَ کي ڏنو، جن ان جو نالو تبديل ڪري ”سينٽر فار ايڪسيلينس آرٽ اينڊ ڊزائين“ رکيو، جيڪو هاڻي آرٽ، ڊزائين اينڊ هيريٽيج ڄامشوري جي نالي سان هلي رهيو آهي.

فائن آرٽس جي شعبي جو بنياد سائين ناگوري صاحب رکيو. پوءِ مئڊم مسرت مرزا، سائين علي نواز قلپوٽو، مئڊم انجم، سائين محمد علي پٽي، سائين عاشق عارباڻي ۽ منصور عالم ابڙو ان ۾ فئڪلٽي ميمبر طور شامل ٿيا.

سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ ناگوري صاحب جا ڪجهه خاص دوست هئا، جن ۾ فلاسافي جو پروفيسر فريد صاحب، پروفيسر جاويد پٽو، ظفر حسن سيد، پروفيسر بدر سومرو، لطف الله منگي ۽ ٻيا. سائين پنهنجي ڪيترن ئي شاگردن جي ويجهو رهيو، خاص طور اسان جا سينئر، جن کي مون ڏٺو، انهن ۾ رياض منگي ۽ نصرت منگي سرفهرست آهن.

پروفيسر اي آر ناگوريءَ جي شخصيت جا ڪيترائي پهلو آهن. هو هڪ تمام وڏو آرٽسٽ ۽ سنڌ جو عاشق هيو. حڪومتِ پاڪستان جڏهن ناگوري صاحب کي تغمئہ امتياز لاءِ نامزد ڪيو ته سائينءَ مون کي فون ڪري ٻڌايو ۽ چيائين ته، دوستن کي وٺي اچو، ڪچهري ڪيون. سندس گهر پهتاسين ۽ سندس گهر جي اوطاق ۾ ويٺا هئاسين ته، ناگوري صاحب اچن ڪپڙن ۾ آهستي آهستي ڪمري ۾ داخل ٿيو. اسان سڀ اٿي اڳتي وڌياسين ۽ سائينءَ کي صوفي تي ويهاريوسي. بيماريءَ سبب سائينءَ جو وزن وڌي ويو هئو، پر سندس اکين جي چمڪ ۽ آواز جو اثر ساڳيو هيو. سائينءَ ٻڌايو ته، ”حڪومتِ پاڪستان مصوري ۾ ’صدارتي اعزاز براءِ حسن ڪارڪردگي‘ لاءِ الائي ڇو نامزد ڪيو آهي؟ مون ته سدائين ماروئڙن جي ڳالهه ڪئي آهي، هر ظلم خلاف آواز اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ مون کان سرڪار ۽ ادارا ڪڏهن به خوش ناهن رهيا. مان حيران آهيان “

سائينءَ وڌيڪ چيو ته، ”هڪ ڳالهه اها آهي ته، پاڪستان ۾ جمهوريت وري به پيپلزپارٽيءَ آندي آهي، هاڻي به ان جي حڪومت آهي. مون ته پيپلزپارٽيءَ جي ليڊرن جي خلاف به پئنٽنگس ٺاهيون آهن. “

ڪچهريءَ ۾ جڏهن سائينءَ ڄامشوري جو پڇيو ته، اسان ڪيس اُتان جا احوال ڏناسي، ته سائين خوش ٿيو ۽ چيائين، ”توهانجي اچڻ سان ڄامشوري جي خوشبوءِ آئي آهي. ڄڻ ڄامشورو اچي ويو آهي. “


ماحول خوش مزاج ٿي ويو. ٽهڪن جو هڳاءُ هيو. ڪيتريون يادگيريون تازيون ٿيون. ٽهڪ ڏيندي ناگوري صاحب جي اکين ۾ ڳوڙها موتين جيان پئي چمڪيا. سائينءَ هڪ حيران ڪندڙ ڳالهه ڪئي. چيائين ته، ڪراچيءَ ۾ گولين جا آواز ۽ گندرف جي بدبوءِ آهي. مان مري وڃان ته، مون کي ڄامشوري جي گمنام پهاڙين ۾ پورجو. تمام گهڻو سڪون هوندو اتي.... “اسان ڪن پل لاءِ خاموش ٿي وياسين.

اوچتو سائين اٿي بيٺو ۽ چيائين، ”ڪافي ڏينهن کان ٻاهر لان ۾ نه گهميو آهيان، اچو ته ٻاهر هلون. “ مون سائينءَ کي هٿ ڏنو ته سائينءَ چيو، ”مان پاڻ پنڌ ڪندس. توهانجي اچڻ ۽ ڪچهريءَ مونکي تازو توانو ڪري ڇڏيو آهي... “ پوءِ سائين پاڻ هليو ۽ ڏاڪڻ به پاڻ لٿو. ساوڪ ۽ گل ڏسي سائين وڌيڪ مهڪي رهيو هو. چيائين، ”ڪيترن ڏينهن کان پوءِ ايترو ڪليو آهيان، ايترو ڳالهايو آهي، توهان جي اچڻ سان مونکان منهنجي بيماري وسري وئي آهي... “

مان انهن لمحن کي ڪئميرا ۾ رڪارڊ ڪندو رهيس. تصويرون به ڪڍيون ۽ وڊيو به ٺاهيندو رهيس. ناگوري صاحب کي تصويرون ڪيرائڻ جو بلڪل به شوق نه هوندو هيو، پر ان ڏينهن اسان سان سٺي موڊ ۾ هئڻ سبب تصويرون ڪيرايائين، خاص طور تي پنهنجي فرمائش تي، ڳاڙهي رنگ جي گلن وٽ، ڪرسيءَ تي ويهي تصويرون ڪيرايائين. ڪپڙن تي ڪجهه رنگ لڳل هئس، مون پڇيو ته، سائينءَ کلي چيو، ”ڪوشش ڪندو آهيان ته پئنٽنگ ڪندو رهان، پر طبعيت ساٿ گهٽ ٿي ڏئي، پر خواهش آهي ته، آخر تائين پئنٽنگس ٺاهيندو رهان. “

سائينءَ جي شخصيت ۾ رعب هيو. سنجيده رهندو هيو، پر دوستن سان ۽ اسان سان پنهنجائپ جي ڪري ڪچهرين ۾ ٽهڪ به ڏيندو هيو ۽ ڪيترائي مزيدار قصا پڻ ٻڌائيندو هيو.

شايد ناگوري صاحب سان اسان جي اها آخري ملاقات هئي، باقي فون تي، ان کان پوءِ به ڪيترو ئي وقت رابطو رهندو هيو. بعد ۾ ناگوري صاحب جي فرزند منصور، ڌيءَ روميسا ۽ گهرواريءَ جي سهڪار سان سنڌالاجيءَ ۾ سائينءَ جو ڪارنر قائم ڪيوسين، جنهن ۾ سائينءَ جا استعمال ڪيل رنگن جا بچيل ٽيوب، برش، پئنٽنگس جون ڪجهه تصويرون، ڪپڙا، بوٽ، ڪتاب ۽ ٻيون به ڪجهه اهم قيمتي شيون رکيوسي. سندن آخري نامڪمل پئنٽنگ پڻ، جنهن جو صرف بئڪ گرائونڊ پئنٽ ٿيل آهي. ■




## جيون خاڪو

- جنم: 1939ع، گرنار، سورٺ، جهونا ڳڙهه
- ايوارڊ: 2010 ۾ صدارتي ايوارڊ ”پرائڊ آف پرفارمنس“ ماڻيائين.
- لاڏاڻو: 14 جنوري 2011ع
- ونيءَ جو نالو: محفوظ ديوان ناگوري
- اولاد: پٽ منصور نويد ناگوري ۽ ڌيءَ امبر روميسا ناگوري
- بنيادي تعليم: ميرپور ساڪرو، حيدرآباد ۽ لاهور مان حاصل ڪئي.
- اعليٰ تعليم: پنجاب يونيورسٽي لاهور 1961ع_1965ع، بي _اي ۽ ايم اي فائن آرٽس (پئنٽنگ) ۾ حاصل ڪئي.
- ملازمت: پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ 1965ع کان 1966ع تائين ليڪچرار.
- 1966-67ع ۾ ڪيڊٽ ڪاليج ڪوهاٽ ۾ فائن آرٽس شعبي جو سربراهه.
- 1967-70ع ۾ پاڪستان ايئرفورس ۾ ايجوڪيشن آفيسر.
- 1970ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فائن آرٽ شعبي جو باني سربراهه.
- 1970-95 ۾ ساڳئي اداري ۾ پروفيسر.
- 1983-86ع ۾ نيشنل ڪاليج آف آرٽس، لاهور جو بورڊ آف گورنرس جو ميمبر، ۽ 1985ع_1984ع ۾ وفاقي وزارت تعليم ۾ ڪريڪيولم ڪاميٽي آرٽ ٽيچرس ٽريننگ پروگرام جو اسلام آباد ۾ چيئرمين رهيو.
- 1997-98ع ۾ ايڊوائيزر فيڊرل ڪاليج آف آرٽ اينڊ ڊزائن ڄامشورو رهيو.
- 1990-94ع ۾ انڊس ويلي اسڪول آف آرٽ اينڊ آرڪيٽيڪچر ڪراچيءَ جي بورڊ آف گورنرس جو بنيادي ميمبر رهيو.
- 1996-97ع ۾ وفاقي وزارتِ ثقافت جي پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽس جو ڊائريڪٽر رهيو.
- 1998ع ۾ ايس ايس ڪاليج آف لبرل آرٽس همدرد يونيورسٽي ڪراچيءَ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر رهيو.
- 1998ع ۾ پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر رهيو.
- 1958ع کان وٺي سندس پينٽنگس جون قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي بيشمار نمائشون ٿيون.

# صاليو ڀيل گم ٿي ويو - لالان به نه لڌي

ابراهيم ڪنڀر





عورت جي رڙين، دانهن ۽ مرد جي هڪلن ڪان مون کي نفرت انهن ڏينهن کان آهي، جڏهن ننڍپڻ ۾ آئون هڪ ڀونگي جي ڀتين اندران تشدد سبب نوجوان عورتن جون دانهون ٻڌندو هئس. اسان جي ڳوٺ ۾ عورتن تي تشدد بلڪل عام نه هو. ڳوٺ ۾ زال مڙسن جا نيڪ نام اشراف جوڙا هئا. تشدد ته پري جي ڳالهه آهي، ڪڏهن بظاهر اٽڪندا به نه هئا. مردن طرفان نام نهاد غيرت ڏيکارڻ، مردانگي جون دعوائون ڪرڻ، گهرن ۾ گهڙڻ شرط ڪنگهڪار ڪري عورتن تي داٻو ويهارڻ، گهر ۾ ٽنگيل کهاڙيءَ کي هٿ ۾ ڪٽي فنتاگيري ڪرڻ ۽ غيرت ۽ بيغيرتي جا وڏا پاشڻ ۽ طعنا مهڻا ڏيڻ جو ڪو به رواج نه هو.

اسان جي ڳوٺ ۾ سيني کان آئيڊيل جوڙي، سون جهڙي اڇي اجري، صاف سٿري ـ ماسي سوني، ۽ ٻگهي جيڏي ڊگهي ڳچيءَ واري ڪاڪي ٻڍي جي هوندي هئي. نانا ۽ نانيءَ جي جوڙي ڄڻ باهه ۽ پاڻي جو ميلاپ هو. ٻئي هڪٻئي کان صفا منفرد، متضاد ۽ غير هم آهنگ. هڪڙو تهجد گذار پيش امام ۽ معزن، ٻيءَ زندگي ڀر هڪڙو سجدو به نه ڏنو. رڳو مسجد جا گهڙا ڀري جنت ۾ ڊرڻ جون آسون لڳايو ويٺي هئي. ائين ڪاڪو ولي محمد ۽ ماسي مريم جي جوڙي هئي. مسلمانن ڪان سواءِ هندن ۾ به ويپي ۽ جمنا ۽ سونوءِ ماوي جون به جڙيون هيون. سڀ خوش باش هئا. اسان ڪڏهن نه ٻڌو ته انهن سيني مردن پنهنجي عورتن تي تشدد ڪيو هجي، پر اهڙي ڳوٺ ۾ به هڪ ٻن گهرن مان عورتن جون دانهون اينديون هيون.

هڪڙو گهر اسان جي پاڙي جي ويجهو، واڙي ٻاهران، سامهون اڪرٽي جي ٿورو پويان هوندو هو. انهيءَ گهر جو آئي ڏينهن در بند ٿيندو هو. هڪ عورت جون رڙيون ۽ دانهون، جيڪي پوءِ سڏڪن ۽ پٽڪن ۾ بدلجي وينديون هيون اينديون هيون، ۽ پوءِ ڳچ دير اتي خاموشي ڇائنجي ويندي هئي. سڄي ڳوٺ ۾ رڙيون ٻڌڻ جي ڪري ان تي تبصرا ٿيندا هئا. ڪي انهيءَ عورت کي ڏوهي قرار ڏيندا هئا، ڪي انهيءَ گهر ڌٽي کي ڀيا گهٽ وڌ چوندا هئا.

ٻيو گهر اسان کان مٿئين پر تي ڪولهي هاري جو گهر هو. اتي ٽي چار پائر هڪ گهر ۾ گڏ رهندا هئا. پر اهي سڀ هر هاري هئا. اسان جي سامهون وارو گهر صالئي ڀيل جو هو. صاليو هن ڳوٺ ۾ دير سان لڏي آيو هو. هتي اچڻ کان اڳ ۾ هو ڪنهن ٻئي زميندار جو هاري هئو، پر جڏهن سوماريو ڀيل اسان جي ڳوٺ مان لڏي ويو ته هن ان جي خالي گهر کي ٺاهي، ان کي پنهنجو ٺاڪ ٻڌايو. سنڌس زال ۽ هڪڙي ڌيءَ هئي. سنڌس ٻي ڌيءَ ڏٽي ڳوٺ ۾ پرڻايل هئي،

> لالان صالئي جي وڏي ڌيءَ هئي، جيڪا پريان هڪ ڳوٺ ۾ پرڻايل هئي. لالان جڏهن به پيءُ جي گهر ايندي هئي ته سٽجي ڪٽجي، زوريءَ واپس ٿيندي هئي. اسان جي پاڙي جي ويجهو هئي. قد جي پوري پني. گول مهاندو. بدن ۾ ڀريل. رنگ ڪٽڪائون. اڇن ڏندن واري. ٻانهون ڪراين ڪان ڪلهن تائين چوڙن سان ڀريل. لالان خوشي خوشي پنهنجي ابي جي گهر ايندي هئي ۽ سڏڪن سان واپس ٿيندي هئي. هن سان ويل اهو هوندو ته، مڙس وٽ رهڻ ڪان پوءِ جڏهن پيءُ جي گهر ايندي هئي ته پنهنجيءَ ماءُ کي چوندي هئي ته، هوءَ مڙس وٽ واپس نه ويندي. صالئي جو زور هوندو هئو ته، واپس وڃ.

جيڪا ڪڏهن ڪڏهن وٽس ايندي هئي.

صاليو هوشيار ماڻهو هو. سنو هاري هو. هاري هيٺ سان گڏ وٽس ڪيترائي گرهئا. هن ۾ ماڻهن کي ڳالهين ۾ ريجهائڻ، ڳالهه ۾ وزن پيدا ڪرڻ، ڪوڙ بدوڙ ملائي مڙئي ڳالهه کي اڳيان ڪٽي ٻئي کان زوريءَ ان تي ها ڪرائڻ وارا ڀڻ گرهئا.

مينهن وسندو هو ته گهر ۾ ڇپني تي رکيل پاوا ڪڍي وڄائڻ شروع ڪندو هو. ملهار ۽ ڪوهياري جي ڏنن تي پيو وڄت ڪندو هو. هن پاوا وڄائڻ ڪٿان سکيا؟ اهو هن کان ڪڏهن به ڪنهن نه پڇيو. جيڪڏهن ڪنهن پڇيو هوندو، ته به مون کي ان جي خبر ناهي، پر هو گهڻو ڪري مينهوڳيءَ ۾ پاوا وڄائيندو هو.

رڳو ايترو نه، پر هن پاڻ کي ڀوپي طور به مشهور ڪيو هو. انهيءَ جي ڪري آس پاس جي ڳوٺن ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي نانگ بلا يا پٽون ڏنگي وڃي ته سڀ ڪان پهريون سڏ صالئي کي ٿيندو هو. صاليو مختلف ڳوٺن ۾ وڃي ماڻهن تي جهاڙون به رکندو هو. مون واري سئوٽ يوسف کي هڪڙي ڏينهن پٽون ڏنگي ويو. پٽونءَ جو زهر خطرناڪ ٿيندو آهي. فوري طور ڏنگ واري هنڌ تي سور ٿيندو آهي، جيڪو پوءِ آهستي آهستي پوري جسم تائين پکڙجي ويندو آهي، خاص ڪري جنهن جاءِ تي ڏنگ لڳندو آهي، اتي ته باهه ٻاري ڇڏيندو آهي. سڄو جسم سڙڻ لڳندو آهي. ماڻهوءَ جا پگهر نڪرڻ شروع ٿي ويندا آهن.

صاليو هڪل سان اچي ويو. اها ٻانهن جتي پٽون ڪاڌو هو، انهيءَ هنڌ تي وات وجهي اتان رت چوسڻ لڳو. انتر منتر ۽ جيڪي ٻيون آڏيون ابتيون شيون ياد هئس، سي پڙهڻ لڳو. چوساڙي سان منهن مان گگ هونئين ئي وهڻ لڳندي آهي، سو هو ٿوري ٿوري دير ڪانپوءِ گرڙي ڪندو آٿت ڏيندو رهيو ته هي زهر پيو نڪري. جهاڙ مڙئي جٽڪي سماج ۾ پٽون ڪاڌل فرد يا انهن جي عزيزن جي لاءِ سواءِ نفسياتي آٿت جي ٻيو ڪجهه ناهي هوندي. ڀراڙي ته ڀراڙي، شهرن ۾ به ڪي خاص اسپتالون يا علاج جا مرڪز نه هئا جو زهر کان بچڻ جي لاءِ صالئي جهڙ، نفسياتي سهارن، ۽ آسرن کان ماڻهو مدد نه وٺي ها. جيڪڏهن رڳو جهاڙن سان زهر لهي سگهي ها، ته پوءِ لوڪ روايتن ۾ نانگن جو بادشاهه سڏجندڙ ”گوگو پير“ به انهيءَ نانگ جي ڏنگ جو شڪار ٿي نه مري ها، جيڪو سنڌس ئي پاليل هو.

گوگي پير کان وڌو جهاڙ جو بادشاهه ڪير ٿو ٿي سگهي؟ اصل پٽون جي ڏنگ کانپوءِ جيڪو ڪم پٽون ڪري چڪو هوندو آهي، جهاڙ رکڻ وارو به ساڳيو ڪم پوءِ پيو ڪندو آهي. صاليو ڀيل جيئن مون واري مائٽ تي جهاڙ رکي، اتي هن جي دانهن پئي پوي ته، ادا مون کي لڳي ٿو ته، مون کي پٽونءَ ڪاڌو ڪونهي، پر پٽون ٻانهن اندر ڊري ويو آهي، سو صالئي ڀيل جا اهي رنگ هوندا هئا.

هو اسان شاگردن کي وري آڏا ابتا حساب پيو ڏيندو هو. اهڙا حساب، جيڪي هن کان به ڪڏهن پڳا نه ٿيا. ڪڏهن ڪنهن کي اهڙي ڳجهارت ڏئي ڇڏيندو هو، جنهن جي پڇاڙي هِن (صالئي) وٽ به نه هوندي هئي.

صالئي جو جيڪو شروع ۾ اميج ٺهيو، اهو به ٺيڪ هو. شايد هن پاڻ کي نيم درويش ۽ نيم صوفي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ انهيءَ قسم جو ڍونگ ڪرڻ جو سهارو ورتو، پر اهو سنڌس هڪڙو ڇهرو هو. ٻاهر هو فنڪار هو، ڀوپو هو ۽ فقيراڻي طبع رکندڙ عام ڳوٺاڻو هو، پر سنڌس گهر جي ڀتين کي به خبر هئي ته هن جي اندر ۾ هڪڙو وحشي ماڻهو ويٺل آهي، جيڪو ٻين ڳوٺاڻن جي جسمن مان زهر چوسي ڪڍڻ جي دعويٰ ڪندو هو، پر هُو پنهنجي نوجوان ڌيءَ جي جسم تي زهريلا نشان ڇڏيندو هو، اهڙا زخم جيڪي ڪنهن جهاڙ سان نه ڇٽي سگهندا هئا.

لالان: صالئي جي وڏي ڌيءَ هئي، جيڪا پريان هڪ ڳوٺ ۾ پرڻايل هئي. لالا جڏهن به پيءُ جي گهر ايندي هئي ته سٽجي ڪٽجي، زوريءَ واپس ٿيندي هئي. اسان جي پاڙي جي ويجهو هئي. قد جي پوري پني. گول مهاندو. بدن ۾ ڀريل. رنگ ڪٽڪائون. اڇن ڏندن واري. ٻانهون ڪراين ڪان ڪلهن تائين چوڙن سان ڀريل.

لالان خوشي خوشي پنهنجي ابي جي گهر ايندي هئي ۽ سڏڪن سان واپس ٿيندي هئي. هن سان ويل اهو هوندو ته، مڙس وٽ رهڻ ڪان پوءِ جڏهن پيءُ جي گهر ايندي هئي ته پنهنجيءَ ماءُ کي چوندي هئي ته، هوءَ مڙس وٽ واپس نه ويندي. صالئي جو زور هوندو هئو ته، واپس وڃ. لالان جو اندر پنهنجي پيءُ جي اندر واري حيوان کي جاڳائي وجهندو هو. پوءِ ائين ٿيندو هو جو لالان کي ڪچي ڪوٺي ۾ صاليو بند ڪندو هو. اندران ڪڙو چاڙهيندو هو ۽ لالا بيوسيءَ جو نمونو بڻجي پئي دانهون ڪندي هئي. اندران لالان جي جسم تي وحشي جيوت پنهنجا چنبا پئي هڻنندي هئي. سنڌس رڙيون سڄي ڳوٺ ۾ ٻڌڻ ۾ اينديون هيون. بيوس ماءَ جون ڌيءَ کي بچائڻ واريون دانهون به لالان جي رڙين ۾ دٻجي وينديون هيون.

صاليو اندر ۾ ايڏو وحشي هو جو جيڪڏهن لالا بند ٿيل دروازو کولي ٻاهر نڪري ايندي هئي ته، ٻاهر به اچي ڪيس ماريندو هو. هو ڊوڙي هيٺال ۾ ويندي هئي ته اتي به پهچي ڪيس ماريندو هو. جيڪڏهن ٽڪجي پوندو هو ته، ساهي پٽي وري ڌيءَ کي ماريندو هو. لالان کي مُهرين سان مار کائيندي هن گناهگار اکين به ڏٺو. هوءَ گهر جي چپي چپي تي، ٻاڙي ٻاڙي تي ڪٽبي هئي. ائين سالن تائين لالان مار کائيندي رهي.

وڏي وقفي کان پوءِ پيءَ جي گهر ايندي هئي ته وري مار کائي رواني ٿيندي هئي. ائين ته صالئي جو هڪڙو ٻيو به مڙس ماڻهو جوڙيوال هو، جنهن جو نالو عمرو ڪولهي پٽ هيرو ڪولهي هو. اهي به ڳوٺ جي زميندار جا هاري هئا. عمري جي زال لڇمي سڄي ڳوٺ ۾ خوبصورت ترين عورت هئي. ڊگهي. قداور. رنگ جي ڳوري. نڪ ڊگهو. چيلهه سنهڙي. گهاگهرو پايو ڊيل وانگر پئي هلندي هئي. سنڌس حسن کي ڏسي ڪجهه مايون مٿس سڙنديون هيون. سونهن وڃايل پوڙهيون چونديون هيون، ”ڇوري لڇمي ته صفا ٻتيءَ وانگر پئي ٻري.“ اهڙي خوبصورت عورت کي سنڌس مڙس رات جو ڪنوائين سان ماريندو هو. هيڏي خوبصورت عورت کي مڙس ڇو ماريندو هو؟ ان جي خبر اسان کي نه هئي، پر هڪ ڀيري منهنجي پڦي عمري ڪولهي کي چيو ته، ابا تنهنجي زال ههڙي سهڻي آهي، پوءِ تون ان کي مارين ڇو ٿو؟ جنهن تي هن جواب ڏنو هو ته، ”امان، سهڻا ته گڏهه به جام آهن، پر پرڪار به هجن.“


لڇمي اهڙي سهڻي هئي جو اڌ ڳوٺ مٿس اکن چڪن هو. اهي اسان جي گهر ڪان هيٺئين پر تي ويٺل هوندا هئا، پر سنڌس رڙيون سڄي ڳوٺ ۾ پهچنديون هيون.

وقت گذري ويو. صاليو اسان جي ڳوٺ مان لڏي ٻئي ڳوٺ هليو ويو. پوءِ گم ٿي ويو. لالان جي به ڪا خبر نه پئي. عمري ڪولهي زال کي ماريندو ڪٽنيندو ڳوٺ ڇڏي ويو. لالا ۽ لڇميءَ جون دانهون اڄ به منهنجي ڪنن ۾ ٻُرن ٿيون. مون کي ڪنهن به عورت جي دانهن اڄ به ڪنهن ڀوپي، بِہ مُنهين منافق ۽ ڪوڙي مرادنگي جي شاهڪار مرد جي ياد ڏياريندي آهي، جيڪو نانگ ۽ پٽون بڻجي پنهنجي گهر ڀاتين جي جسمن تي زهريلا ڏنگ هڻندو آهي.

وقت هڪڙي سمجهاڻي اها به ڏني آهي ته، خطرناڪ زهر نانگ، پٽون يا بلا ۾ نه هوندو آهي، اهو پر قاتل زهر انسان پنهنجي اندر پاليندو رهندو آهي. صاليو ڀيل، جيڪو زهر ٻين جي جسمن مان چوسي ڪڍڻ جي ڪوڙ دعويٰ ڪندو هو، اصل ۾ هو اهو زهر لالان جي زندگيءَ ۾ پرتشدد انداز ۾ ڀريندو هو، جيڪو سنڌس روح جي پاتال تائين هليو ويندو هو. ■

# خلائي مخلوق ۽ غازه جو منظر

زيب سنڌي



خلائي مخلوق جي هڪ فرد سان منهنجي ملاقات ٿي. چيائين، ”هزارين سالن جي تحقيق ۽ بيشمار تجربن کان پوءِ ايجاد ڪيل مشين وسيلي، مان ڪيترن سالن جو سفر ڪري تنهنجي دنيا ۾ پهتو آهيان. ڌرتيءَ تي موجود روشني منهنجي دنيا کان مختلف آهي، جنهن ڪري مان هتان جي روشنيءَ ۾ چٽيءَ طرح نٿو ڏسي سگهان!“
پڇيومانس، ”مان تنهنجي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿو؟“
چيائين، ”هڪ ڏينهن لاءِ تون پنهنجيون اکيون مون کي ڏي، جيئن مان تنهنجي سڄي دنيا کي چڱيءَ طرح ڏسي سگهان.“
حيرت سان پڇيم، ”هڪ ڏينهن ۾ سڄي دنيا ڪيئن ڏسي سگهندين!“
سنجيدگيءَ سان چيائين، ”تنهنجي دنيا جو هڪ ڏينهن منهنجي دنيا جي هڪ ڏينهن کان ڪيترائي ڀيرا وڏو آهي، پر منهنجي تيز رفتاريءَ جو تون انسان تصور نٿو ڪري سگهين. مان هتان جي هڪ ڏينهن کان گهٽ وقت ۾ تنهنجي سڄي دنيا گهمي سگهان ٿو.“
مون پنهنجي دنيا ڏسڻ خاطر هن کي هڪ ڏينهن لاءِ پنهنجيون اکيون اڌاريون ڏنيون.
هڪ ڏينهن بدران هو هڪ ڪلاڪ کان پوءِ واپس موٽي آيو.
حيرت سان پڇيم، ”ايتري ٿوري وقت ۾ تو سڄي دنيا ڏسي ورتي!؟“
چيائين، ”نه. مان دنيا جا ڪجھ ملڪ ڏسڻ کان پوءِ غاز پهتس، اتان واپس موٽي آيو آهيان!“
پڇيم، ”چو واپس موٽي آئين؟“
ڏک سان چيائين، ”ايڏي تباهي ڏسڻ منهنجي برداشت کان ٻاهر آهي!“
مون کو جواب نه ڏنو.
پڇيائين، ”ڇا تون انسان ٻوڙو آهين، جو رڙندڙ مردن ۽ روئندڙ مائرن جو آواز نٿو ٻڌي سگهين!؟“
مان خاموش رهيس.
پڇيائين، ”ڇا تون انڌو آهين، جو غاز ۾ بک ۽ اڃ سبب مرندڙ ٻارن کي نٿو ڏسي سگهين!؟“
مان چُپ رهيس.
ڪاوڙ منجهان چيائين، ”اي انسانَ، تون ڏاڍ ۽ جبر جو مقابلو ڪرڻ بدران انسانيت جي قتلام جو تماشو ڏسي رهيو آهين!“
مون جواب ڏيڻ بدران ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.
منهنجيون اکيون واپس ڏيندي ڏک سان چيائين، ”تنهنجي دنيا ۾ ٿيندڙ ظلم ڏسڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهن. مان پنهنجي دنيا ڏانهن واپس ٿو وڃان.“ ■



# ڦِڪو چهرو

خادم حُسين جروار



مير محمد ماڻهن کي اَک ۾ نه پر دِل ۾ رکندو آهي ۽ مُحبت جي وِرهاست ۾ تَڪ تور کان اڻڄاڻ آهي. مَٿي تي ٽوپي پائيندو آهي ۽ اُن کي سوني تاج کان وڌيڪ اَهميت ڏيندو آهي. ڪاڇي ڪرائيءَ ۾ واچ ٻڌندو آهي، جنهن ۾ وقت سان وِچائجي ويل پاڇن کي ڳوليندو آهي. هيءُ هڪ ڳوٺاڻو آهي. ٽوال ڪُلهي تي رکي، پنهنجي چهري تان شَهري رستن تان اُڏامندڙ دَزَ اُگهندو آهي. هُوا ڇن وارن سان گهمندو آهي، ڄڻ ته وارن جي رنگ کان بي خبر رهڻ پسند ڪندو آهي.
ڳوٺ جي وٽڪار واري رستي کان ٿيندو، جڏهن شهر پهتو ۽ بئنڪ جي اڳيان گاڏيءَ مان لٿو ته هڪ پُراڻو دوست مليس، جنهن کيس هٿ ڏيندي چيو: ”مير محمد صفا پوڙهو ٿي ويو آهين.“
”وقت ماڻهوءَ کي چَنڊِيندو ۽ چاڙِيندو رهندو آهي،“ هن وراڻيو.
هنن هڪٻئي کان موڪلايو. مير محمد بئنڪ جي شيشيءَ جو درُ کولي اندر داخل ٿيو ته گارڊ تلاشي وٺندي چيس: ”چاچا ڪيسي ۾ ڇا اٿئي؟“
”بابا پُڳڙن جي مُٺ آهي،“ مير محمد وراڻيو.
بئنڪ ۾ رش هُئي. هڪ ڇوڪري ڪيش واري ڪائونٽر تي ويٺل هُئي، جيڪا ماڻهن کي چيڪ ڪيش ڪري ڏيئي رهي هُئي. اُن ڊگهي قطار ۾ بيٺل مير محمد آخري ماڻهو هو. گهڻو تعداد پوڙهن جو هو. هِن ڀانئيو ته زندگيءَ جي سَٺ بهارن کان پوءِ ماڻهن جي ڳالهين کي اهميت ناهي ڏني ويندي. انهن جي لاءِ وقت جو مُلهه مهانگو ٿي ويندو آهي ۽ دلين جو حال ڪرڻ لاءِ ڪنهن جي دل ناهي چَوندي.
اڳيان بيٺل هڪ همراهه هِن کان پُڇيو: ”وقت ڪيترو ٿيو آهي؟“
هِن پنهنجي ڪاٻي ڪرائيءَ ۾ ٻڌل واچ ۾ ڏِٺو ۽ ٻڌايو: ”بابا، ڏهه لڳي ڏهه منٽ ٿيا آهن.“
وقت پُڇڻ واري خبر ناهي ڪهڙي خيال سان مير محمد جي اکين ۾ ڏسندي چيو: ”ماڻهن جي بي رُخيءَ ماري وڌو آهي.“
”دلين ۾ بي ايماني، بي پاڙي ول وانگر وڌي رهي آهي ۽ اکين مان شرم ختم ٿي ويو آهي،“ مير محمد جي ان ڳالهه تي پرسان بيٺل همراهه چيو:”ڏک پنهنجي اَهميت، ماڻهو پنهنجو وقار ۽ فطرت پنهنجو حُسن وڃائي ڇُڪي آهي.“





ماڻهن جي قطار ڪيشيئر ڏانهن وڌي رهي هُئي. اُن وقت هِن ڏٺو ته هڪ وڏي قد وارو همراهه ڪاٽن جي اڇن ڪپڙن سان بئنڪ ۾ داخل ٿيو. گارڊ کيس جُهڪي سلام ڪيو، پر همراهه بوٽن جي ٽِپ ٽِپ ڪندو، اڳيان ڪنهن ڪمري ۾ هليو ويو. قطار ۾ بيٺل سيني ماڻهن اُن کي حيرت سان ڏِٺو. مير محمد دل ۾ سوچيو ته، ڪپڙن جي وڏائي ڪڏهن نه ڪڏهن لِيڙُون لِيڙُون ٿي ويندي. وڏائي نوڙت جي مخالف آهي ۽ نوڙت انسان جي سونهن آهي، پر گهڻن ماڻهن اُن جو استعمال ختم ڪري ڇڏيو آهي.
هِن واچ ۾ وقت ڏِٺو ته ٻارهن لڳي پنج منٽ ٿِيا هُئا. مير محمد ڪيشئر مائيءَ وٽ پُهچي، چيڪ سندس اڳيان وڌائيندي چيو: ”امان ڪيش ڪري ڏيو.“
اُن ڇوڪريءَ چيڪ وٺي ڪمپيوٽر جي ڪيبورڊ تي آڱرين کي تيزيءَ سان هلايو. هڪڙي منٽ کان پوءِ چيڪ واپس ڏيندي چيائينسِ: ”اوهان جي سگنيچر ميچ نه ٿي ٿئي. بائيو ميٽرڪ ڪرايو.“
مير محمد جي چهري تي مايوسي ظاهر ٿيڻ لڳي. قطار مان ٻاهر نڪري اچي، هڪڙي ميز اڳيان ڪُرسيءَ تي ويٺل همراهه کان پُڇيائين: ”مئنيجر جي آفيس ڪٿي آهي؟“
اُن ڄڻ کيس ٻُڌوئي ڪونه. ڪاغذن تي ڪجھ لکندو رهيو. هِن وري چيس: ”مئنيجر ڪٿي ٿو ويهي؟“
هُن لفظ ’چاچا‘ تي زور ڏيندي چيو: ”چاچا، هُو پريان اٿئي، وڃ.“ هُن جي لفظن ۾ بيزاري هئي.
هي مئنيجر ڏانهن ويندي سوچڻ لڳو ته، مئنيجر الائي ڪيئن هوندو؟ کيس مونجهه ٿيڻ لڳي. مئنيجر جي آفيس وٽ پُهچي، در کولي اندر هِڪڙو قدم رکندي ئي سلام ڪيائين. مئنيجر سندس سلام جو جواب ڏنو، پر هُن جون اکيون ڪمپيوٽر جي اسڪرين ۾ هُيون، اُن ڪري هِن کي ڏِسي نه سگهيو. آفيس ۾ هڪ آرامده صوفي تي اَهو ساڳيو ماڻهو ويٺو هو، جنهن کي ايندي ئي گارڊ جُهڪي سلام ڪيو هو.
هِن هٿ ۾ جهليل چيڪ ڏِنو، جيڪو اُن وقت هِن کي هڪڙي ڪاغذ جي ٽُڪري کان وڌيڪ حلالُ گِرهُ جهڙو لڳو.
مير محمد مئنيجر کي چيو: ”صاحب چيڪ پاس نه ٿو ٿئي، بائيو ميٽرڪ ڪرائڻي آهي.“
هِن جي چوڻ باوجود مئنيجر ڪوبه جواب نه ڏِنو ۽ بدستور ڪمپيوٽر هلائيندو رهيو. صوفي تي ويٺل همراهه پنهنجي هِڪڙي ٽنگ ڪٽي ٻي ٽنگ تي رکي. آفيس ۾ ڪُرسيون خالي هوندي به مير محمد بيٺو رهيو. هن سوچيو ته ڪنهن جي چوڻ بغير ويهڻ نه گهرجي. ڪُرسيون هميشه لاءِ ناهن هونديون، اُهي ماڻهو بدلائيندڙيون رهنديون آهن.
اُن وقت هِڪڙو ٻيو همراهه به اندر آيو، جنهن جي هٿ ۾ ڪجھ ڪاغذ هئا، جيڪي اچي مئنيجر جي سامهون ميز تي رکيائين. مئنيجر اُنهن مان هڪ هڪ پني کي اُٿلائي ڏٺو ۽ صحيح ڪئي.
هِن کي بيٺي ڪُجھ وقت گذري ويو. خاموشيءَ سان مئنيجر جي جواب جو منتظر رهيو. هِن سوچيو ته، اسان جون ننڍڙيون ڪوتاهيون به اسان کي ٻين جو مُحتاج بڻائي ڇڏين. ماڻهن اڳيان سِڌو بيهڻ به ڏاڍو مشڪل هوندو آهي.
هِن ڏٺو ته صوفي تي ويٺل همراهه هن کي ڏِسي رهيو هو، جنهن جون نظرون هن کي ڄڻ ته ڳِيا ڳِيا ڪري رهيون هيون. هِن پنهنجي اکين کي هيٺ ڪري ٽوپي سِڌي هئڻ باوجود لاهي وَري پاتي. صوفي واري همراهه مئنيجر کي چيو: ”مون کي واندو ڪريو ته وڃان.“
اُن وقت مئنيجر صرف ’جِي سر...جِي سر‘ جا لفظ چَئي سگهيو هو. ميز تي رکيل گهنٽيءَ جي بٽڻ کي دٻايائين ته هڪ ڇوڪرو ڊوڙندو آيو، جنهن کي مئنيجر چيو: ”صاحب جي لاءِ چانهه کڻي اچ.“
ڇوڪرو وڃڻ لڳو، پر اُن همراهه کيس روڪيندي چيو: ”نه....نه....چانهه جي ضرورت ناهي.“
ائين چوندي هُن سامهون ميز تان ٽِشو پيپر جي دٻي مان ٻه ٽي ٽِشو پيپر ڪڍي پنهنجي نڪ ۽ وات کي اُگهيو ۽ ٽِشو پيپرن کي ڊسٽ بن ۾ اُڇلايو.
صوفي تي ويٺل ماڻهوءَ جي انگ انگ مان وڏائي آسمان کي ڇُهي رهي هُئي. هُن جي ويهڻ، ڳالهائڻ ۽ لفظن جي چونڊ ۾ غُرور شامل هُيو. اهڙي ائيرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ به مير محمد ڀانئيو ته سندس ساهه ٻوساٽجي ٿو.
مئنيجر اوچتو پنهنجي ڪُرسي ڇڏي، مير محمد سان ڏاڍي ڀاڀوهه سان مِليو. وڏي احترام سان ڪاٽن جي ڪپڙن واري همراهه سان گڏ صوفي تي ويهاريائينسِ. اُن وقت مير محمد مئنيجر جي چهري کي جاچي ڏِٺو، شايد هِن جي اکين کيس ڪُجھ سُڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر گهٽي وقت جي ڌُنڌ ڪري کيس سُڃاڻي نه سگهيو. مئنيجر اُن وقت صوفي تي ويٺل اڇن ڪپڙن واري همراهه کي چيو: ”توهان به سائينءَ وٽ پڙهيا هُئا نه. سائين کي اوهان ڪونه سُڃاتو؟“
هُن وٽ ان سوال جو ڪو جواب نه هو. چهرو ڦِڪو ٿي ويو هُئس ۽ اکيون کُلي ويون هُئس. ■

# حيدرآباد ڏيانُ گهري ٿي



عرفان هارون



جيڪڏهن سنڌ جي ٻئي وڏي شهر حيدرآباد جو جائزو وٺجي ته واضح ٿئي ٿو ته هي شهر ڪيترن ئي اهڙن بنيادي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي، جيڪي سڌي ريت شهري زندگيءَ جي معيار کي متاثر ڪري رهيا آهن. پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي کوٽ، گيس جي غير يقيني فراهمي، ڊگهي ۽ بنا اعلان جي بجلي جي لوڊشيڊنگ، مختلف علائقن ۾ بيٺل گندو نيڪال جو پاڻي، ٽُٽل ڦُٽل رستا، نيڪال جي ناقص نظام ۽ لاڳاپيل ادارن جي ڪمزور ڪارڪردگي شهرين جي روزاني زندگيءَ کي مسلسل ڏکيائين ۾ وجهي ڇڏيو آهي. افسوس جوڳي ڳالهه اها آهي ته اهي مسئلا هاڻي عارضي يا موسمي نه رهيا آهن، پر مستقل بحران جي صورت اختيار ڪري چڪا آهن، جنهن جا اثر عوامي صحت، معاشي سرگرمين، شهري ماحول ۽ مستقبل جي ترقيءَ جي امڪانن تي پڻ واضح نموني ظاهر ٿي رهيا آهن.

2023ع جي ستين آدمشماري موجب حيدرآباد ڊويزن جي آبادي هڪ ڪروڙ کان وڌي چڪي آهي، جڏهن ته حيدرآباد ضلعي جي آبادي ۾ به گذريل آدمشماريءَ جي ڀيٽ ۾ نمايان اضافو رڪارڊ ٿيو آهي. آباديءَ ۾ ان تيز واڌ جي باوجود شهري بنيادي ڍانچي (Urban Infrastructure)کي ساڳئي رفتار سان ترقي نه ملي سگهي آهي.

هن وقت پاڻيءَ جو بحران حيدرآباد واسين لاءِ سڀ کان وڏو مسئلو بڻجي چڪو آهي. مختلف سرڪاري انگن اکرن ۽ ميڊيا رپورٽن موجب اونهاري جي موسم دوران شهر ۾ پاڻي جي روزاني گهرج لڳ ڀڳ 130 ملين گيلن روزانو (MGD)تائين پهچي وڃي ٿي، پر فراهميءَ ۾ کوٽ، پمپنگ اسٽيشنن جون خرابيون، بجليءَ جي ڊگهي بندش، پراڻين ۽ زبون حال پائيپ لائينن، ناقص رٿابندي ۽ لاڳاپيل ادارن جي انتظامي لاپرواهيءَ سبب شهري مسلسل پاڻيءَ جي شديد کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن.

حيدرآباد سٽي، لطيف آباد ۽ قاسم آباد جا ڪيترائي علائقا ان بحران جي انتهائي سنگين تصوير پيش ڪن ٿا. ڪٿي مهيني ۾ رڳو هڪ ڀيرو، اهو به هڪ ڪلاڪ لاءِ پاڻي ملي ٿو، ڪٿي هفتي ۾ فقط هڪ ڀيرو فراهمي ٿئي ٿي، ته ڪٿي ٻن ڪلاڪن جي محدود سپلاءِ سڄي علائقي جي ضرورت پوري ڪرڻ کان قاصر رهي ٿي. جڏهن ته ڪيترائي اهڙا پاڙا به موجود آهن، جتي نل ۾ پاڻي اچڻ جڻ ماضيءَ جي هڪ وسريل ياد بڻجي ويئي آهي.

ان کان به وڌيڪ افسوسناڪ صورتحال اها آهي ته جڏهن ڪڏهن هڪ يا ٻه ڪلاڪ پاڻي فراهم ڪيو وڃي ٿو ته ان جو رنگ، بوءِ ۽ معيار ايترو خراب هوندو آهي، جو ڪيترائي شهري اهو پيئڻ ته پري جي ڳالهه، گهريلو استعمال لاءِ به مناسب نٿا سمجهن. هن سنگين بحران هڪ متوازي معيشت کي جنم ڏنو آهي، جنهن کي عام طور "ٽينڪر ڪلچر" جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هزارين خاندان پنهنجي بنيادي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ مهانگي اگهه تي پاڻيءَ جا خانگي ٽينڪر گهرائڻ تي مجبور آهن، جڏهن ته ڪيترائي ماڻهو پنهنجي سالن جي بچت خرچ ڪري بورنگ ڪرائين ٿا ته جيئن زندگيءَ جو ڦيٿو هلندو رهي.

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (HESCO)سنڌ جي ڪيترن ئي ضلعن کي بجلي فراهم ڪندڙ هڪ اهم ادارو آهي، جنهن جا صارف لکين (1272699) جي انگ کان وڌي چڪا آهن. جيتوڻيڪ ادارو بجلي جي پهچ ۽ ورڇ واري نظام کي جديد بڻائڻ، لائين لاسز ۾ گهٽتائي آڻڻ ۽ صارفين کي بهتر سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ مختلف ترقياتي منصوبن ۽ سڌارن جا دعوائون ڪندو رهي ٿو، پر زميني حقيقتون ان جي ابتڙ آهن. بنا اعلان جي ڊگهي لوڊشيڊنگ، گهٽ وولٽيج، بار بار ٽرپنگ ۽ بجليءَ جي غير مستحڪم فراهمي شهرين جي روزاني زندگيءَ جو حصو بڻجي چڪي آهي. حيدرآباد سٽي، لطيف آباد، قاسم آباد ۽ ڀرپاسي جي ڪيترن ئي ڳوٺاڻن علائقن ۾ روزانو ڏهه کان ٻارهن ڪلاڪن تائين، جڏهن ته ڪجهه هنڌن تي پندرهن ڪلاڪن تائين بجلي بند رهڻ جون شڪايتون عام آهن. ان صورتحال نه رڳو گهريلو زندگي کي متاثر ڪيو آهي، پر واپار، صنعت، تعليمي ادارن، اسپتالن، ننڍن ڪاروبارن ۽ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي کي پڻ سخت نقصان پهچايو آهي.

ڳوٺاڻن علائقن جي حالت ته ان کان به وڌيڪ افسوسناڪ ٻڌائي وڃي ٿي. ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ ٽرانسفارمر خراب ٿيڻ کان پوءِ هفتن جا هفتا، بلڪ ڪيئي ڀيرا ٻه ٻه مهينا به بجلي بحال نٿي ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن رهائشي علائقي ۾ لڳل پي ايم ٽي يا ٽرانسفارمر ۾ اوچتو باهه لڳي وڃي، چڻنگون نڪرڻ لڳن يا شارٽ سرڪٽ جو خطرو پيدا ٿي وڃي، ته اهڙي صورتحال فوري هنگامي ڪارروائي جي گهرج ڪري ٿي، پر ڪيترن ئي شهرين موجب، بار بار اطلاع ڏيڻ باوجود لاڳاپيل عملو ڪڏهن ڪڏهن ٻارهن کان چوڏهن ڪلاڪن تائين به واقعي واري هنڌ نٿو پهچي. ان سان باهه پکڙجڻ، قيمتي ملڪيت جي نقصان ۽ انساني جانين کي به وڏو خطرو لاحق رهي ٿو.

> 2023ع جي ستين آدمشماري موجب حيدرآباد ڊويزن جي آبادي هڪ ڪروڙ کان وڌي چڪي آهي، جڏهن ته حيدرآباد ضلعي جي آبادي ۾ به گذريل آدمشماريءَ جي ڀيٽ ۾ نمايان اضافو رڪارڊ ٿيو آهي. آباديءَ ۾ ان تيز واڌ جي باوجود شهري بنيادي ڍانچي (Urban Infrastructure)کي ساڳئي رفتار سان ترقي نه ملي سگهي آهي.

حيدرآباد واسين کي درپيش هڪ ٻيو انتهائي اهم مسئلو قدرتي گيس جي غير يقيني فراهمي آهي. جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ قدرتي گيس جا ذخيرا آهستي آهستي گهٽجڻ ۽ طلب ۾ مسلسل اضافو هڪ قومي چئلينج بڻجي چڪو آهي، پر ان جا سڀ کان گهرا اثر شهري زندگيءَ ۾ محسوس ڪيا وڃن ٿا. صبح ناشتي ۽ شام جي ماني جي وقت گيس جو گهٽ پريشر يا مڪمل بندش هاڻي معمول بڻجي چڪي آهي. ان صورتحال نه رڳو گهرن جي روزاني زندگيءَ کي ڏکي بڻايو آهي، پر هوٽلن، بيڪرين، چانهه خانن، تنورن ۽ ٻين ننڍن ڪاروبارن جا خرچ به نمايان طور وڌائي ڇڏيا آهن. ڪيترائي خاندان مجبوريءَ سبب ايل پي جي سلينڊرن جو استعمال ڪن ٿا، جيڪي قدرتي گيس جي ڀيٽ ۾ گهڻو مهانگو متبادل آهن.

حيدرآباد جي ڪيترن ئي علائقن ۾ گندو نيڪال جو پاڻي رستن، گهٽين ۽ بازارن ۾ بيٺل ڏسڻ هاڻي عام ڳالهه بڻجي وئي آهي. معمولي برسات به شهر جي پاڻيءَ جي نيڪال واري نظام جي ڪمزورين کي وائکو ڪري ڇڏي ٿي. رستا تلائن جو منظر پيش ڪن ٿا، ٽريفڪ جو نظام درهم برهم ٿي وڃي ٿو، ڪاروباري سرگرميون متاثر ٿين ٿيون ۽ شهرين کي روزاني اچ وڃ ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

حيدرآباد جي تيزي سان وڌندڙ آبادي انهن مسئلن کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ڇڏيو آهي. نيون رهائشي اسڪيمون، تجارتي مرڪز ۽ شهر جي مسلسل توسيع اهڙي رفتار سان وڌي رهي آهي، جو موجوده شهري بنيادي ڍانچو هاڻي ان جو بار برداشت ڪرڻ جي قابل نظر نٿو اچي.

حقيقت اها آهي ته انهن سڀني مسئلن جو تعلق ڪنهن هڪ اداري تائين محدود ناهي. واسا، حيسڪو، سوئي سدرن گيس ڪمپني، بلدياتي ادارا، سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل وفاقي ادارن جي وچ ۾ مؤثر هم آهنگي، گڏيل رٿابندي ۽ واضح ذميوارين جي ورڇ کانسواءِ انهن مسئلن جو مستقل حل ممڪن ناهي. جيڪڏهن هر ادارو صرف پنهنجي دائري تائين محدود رهي ۽ گڏيل حڪمت عملي اختيار نه ڪئي وڃي ته شهري مسئلا رڳو هڪ اداري کان ٻئي اداري ڏانهن منتقل ٿيندا رهندا، پر ختم نه ٿيندا.

حيدرآباد کي هاڻي روايتي ۽ عارضي قدمن کان اڳتي وڌڻو پوندو. ان سان گڏ سڀني پمپنگ اسٽيشنن کي بنا رڪاوٽ بجلي فراهم ڪرڻ لاءِ متبادل توانائي، خاص طور شمسي توانائي (Solar Energy)جي استعمال تي به سنجيدگي سان غور ڪرڻ گهرجي.

نيڪال جي مسئلي جو مستقل حل رڳو عارضي صفائي مهمن ۾ ناهي، پر پراڻي نيڪال واري نيٽ ورڪ جي مرحليوار تبديلي، جديد ڊرينيج منصوبن، برساتي پاڻي جي الڳ نيڪال ۽ جديد سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽن جي قيام ۾ آهي. جيڪڏهن گندي پاڻي کي سائنسي طريقن سان صاف ڪيو وڃي ته ان کي زرعي ۽ ڪجهه صنعتي مقصدن لاءِ ٻيهر استعمال ڪري سگهجي ٿو، جنهن سان مٺي پاڻي تي وڌندڙ دٻاءُ ۾ به نمايان گهٽتائي اچي سگهي ٿي. بجلي جي شعبي ۾ پڻ بنيادي سڌارن جي سخت ضرورت آهي

ان سان گڏ مقامي حڪومتن کي حقيقي معنيٰ ۾ بااختيار بڻائڻ ۽ حيدرآباد لاءِ هڪ جامع اربن انفراسٽرڪچر ماسٽر پلان تيار ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي، جيڪو صرف ايندڙ پنجن سالن تائين محدود نه هجي، پر ايندڙ ويهن کان پنجويهن سالن جي ضرورتن کي پڻ سامهون رکي. ان منصوبي ۾ آباديءَ جي واڌ، موسمياتي تبديلي، صنعتي ترقي، رهائشي توسيع، ٽريفڪ، پاڻي، بجلي، گيس، نيڪال، ماحولياتي تحفظ ۽ ٻين شهري سهولتن جي سڀني پهلوئن کي سائنسي بنيادن تي شامل ڪرڻ گهرجي.

جديد ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال پڻ وقت جي اهم گهرج بڻجي چڪو آهي. اسمارٽ واٽر ميٽرنگ، پاڻيءَ جي ضايع ٿيڻ جي ڊجيٽل نگراني، جغرافيائي معلوماتي نظام (GIS)، آن لائين شڪايتن جو ازالو، پمپنگ اسٽيشنن جي خودڪار نگراني، سيوريج نيٽ ورڪ جي ڊجيٽل ميپنگ ۽ بجلي جي ورڇ ۾ جديد نظام نه رڳو شفافيت ۾ اضافو آڻي سگهن ٿا، پر مالي نقصان ۽ وسيلن جي ضايع ٿيڻ ۾ به نمايان گهٽتائي آڻي سگهن ٿا. ■

## شڪارپور



نسيم بخاري

ٻڌايو حال آ ماضي هَو خوشبوئن جو شهر
مگر ڏسي نه سگهياسين انهي جو ڏينهن پَهَر

شهر شهر نه هيو ڪيفيت هئي ڪائي
پڙهيو ٻڌو آ ڪُٿو ڪونه آهي تنهنجو سَحر

سمورا تنهنجا ادارا سَخِن ها جوڙايا
نظر اچي پيو هاڻي اتي ته ڏاڍ ڏمر

اسان جو پاڻي مثل هوندو آب زم زم هو
ثبوت سامهون اچن ٿا ته ٿي ويو آ زهر

شڪارپور لئه قلم ڪٽندي عمر گذري آ
فضول ڪو به نه پنهنجو ٿيو ڪو لفظ اکر

خلوص دل سان جڏهن وِڪَ ڪائي کَڄندي آ
ڏئي ويندي آ نتيجا ڇڏيندي آهي اثر.

# ايران خلاف ٽرمپ کي اتحادي کپن




وچ اوڀر ۾ آمريڪي صدر ٽرمپ، ايران جي خلاف سمورن ملڪن کي پنهنجو ٻانهن ٻيلي بڻائڻ جي وڏي ڪوشش ڪري رهيو آهي، پر هو ان حوالي سان مڪمل ڪاميابي حاصل نه ڪري سگهيو آهي. اهو هڪ عام تاثر آهي ته، ايران جن ملڪن کي نشانو بڻايو آهي، جن ۾ ڪويت، سعودي عرب، قطر، مصر، گڏيل عرب امارتون ۽ ٻيا شامل آهن. انهن کي آمريڪا خوش ڪري ورتو آهي. ان حوالي سان سعودي عرب جو مثال ڏنو پيو وڃي، جنهن کي آمريڪا سويلين نيوڪليئر پاور ٽيڪنالوجي فراهم ڪرڻ جي آڇ ڪئي آهي.

اسرائيل کي ڇڏي ڪري سمورن عرب ملڪن کي انڪري ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته جيئن ايران کي اڪيلو ڪري سگهجي. هينئر ٽرمپ انتظاميا سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارتن سان سهڪار کي وڌايو آهي، پر سعودي عرب هينئر به ايران تي حملن واري معاملي تي آمريڪا سان اتفاق نٿو ڪري. سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات مذهبي سوچ جي لحاظ کان ساڳي پيج تي آهن، پر اسرائيل کي تسليم ڪرڻ سميت ڪيترن ئي معاملن تي اختلاف رکن ٿا. عرب ملڪن ۾ گڏيل عرب امارتون واحد ملڪ آهي، جيڪو ابراهم معاهدي جو حصو بڻيو ۽ اسرائيل جي وجود کي به تسليم ڪيو، پر اهو به ايران تي آمريڪا ۽ اسرائيل جي حملن جو حامي ناهي.

رڳو ايترو ئي ناهي، پر نيٽو ۾ آمريڪا جا اتحادي ملڪ، جن جي گهڻائي ٽرمپ جي پاليسين جي حمايت نٿي ڪري. رپورٽس مطابق آمريڪا ۽ برطانيا هرمز لنگهه ۾ جهازن جي تحفظ لاءِ وڏي پيماني تي عالمي اتحاد جوڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ان کان اڳ ۾ برطانيا، آمريڪا جي ايران تي حملي جي مخالفت ڪئي هئي. جيڪڏهن ائين چئجي ته ٽرمپ ويجهن علائقائي اتحادين جو سهڪار ته حاصل ڪري ورتو آهي، پر سمورن اتحادين، خاص ڪري يورپي ملڪ، ايران خلاف ان جي پاليسين ۽ فوجي قدمن جي مڪمل حمايت نٿا ڪن. ■ *الهه بخش راڻوڙ*



ليلارام لوهاڻو



## انڊيرو عادت بڻيو

نازَ منزل جا
پنڌ پيرن ڪنيا
ڪاچ سپنن جو
وقت جواني ٽيو
تند تعبيرن جي
جُڙي ڪا نه جُوءِ سان
اوسيئڙو روشني جو
وقت جي ڏَرَ ۾
ماضي تي مُئو
اميدن جي پاڪر ۾
حقيقت حياتي ڪيسين لِڪي؟
واءِ مايوسي اهڙو وريو
جو رات راڄ جي راڻي بڻي
پوءِ رات دستور بڻي
رات معمول بڻي
انڌيرو سين جي عادت بڻيو! ■

# باڊهه جي تعلقي تحريڪ جا ست سال

علي انور عسڪري

باڊهه، (ضلعو لاڙڪاڻو) کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ جو مطالبو هونئن ته پراڻو آهي، پر ان جي لاءِ باڊهه تعلقه موومينٽ قائم ڪري، عملي طرح، پرامن ۽ جمهوري طريقي سان جدوجهد ڪرڻ کي 21 جولاءِ 2026ع تي ست سال پورا ٿيا. اهي سمورا سال اميد، استقامت، قرباني، اتحاد ۽ ثابت قدميءَ جي اهڙي تاريخ آهن، جيڪا سنڌ جي عوامي تحريڪن ۾ هڪ منفرد حيثيت رکي ٿي. هن تحريڪ ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته جڏهن عوام پنهنجي جائز حقن لاءِ متحد ٿي اٿي ٿو ته، ان کي اڳتي وڌڻ کان ڪير به روڪي نٿو سگهي.

باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيڻ جا واعدا سنڌ جي حاڪمن: اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه کان وٺي موجوده وڏي وزير سيد مراد علي شاهه تائين، سڀني پئي ڪيا آهن، پر عوام جو اهو مطالبو اڃا تائين پورو ناهي ڪيو ويو.

گذريل ويهن سالن کان شهر جا باشعور شهري، واپاري، وڪيل، استاد، صحافي، سماجي ڪارڪن ۽ سياسي اڳواڻ مختلف وقتن تي سنڌ سرڪار آڏو اهو مطالبو پيش ڪندا رهيا آهن، پريس ڪانفرنسون ڪيون آهن،، يادداشت ناما پيش ڪيا آهن، وفد وٺي وجي اعليٰ اختيارين سان ملاقاتون ڪيون آهن، ريليون ڪڍيون آهن، مظاهرا ڪيا آهن، اخبارن ۾ مضمون ۽ ايڊيٽوريل ڇپيا آهن، پر پوري به عوام کي مايوسي پلئه پئي آهي، سرڪار ان مسئلي جي اهميت کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نه ٿي ڪري.

ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند اڳواڻ ڪامريڊ علي محمد بروهي جي ڪنوينرشپ ۾ قائم باڊهه تعلقه موومينٽ جا ڊپٽي ڪنوينر به سڄاڻ شهري ۽ نالي وارا ليکڪ: مفتي نصير احمد پٽو، ڪامريڊ قادر بروهي ۽ زيب علي ساريو جن آهن. انهن سڀني جي عوامي حمايت سان هلندڙ ان تحريڪ جي مطالبي کي، سنڌ سرڪار کي سنجيده وٺي، باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏنو وڃي.

باڊهه تعلقه موومينٽ هڪ وڏو اتحاد آهي، جنهن ۾ شهر ۽ علائقي جون 32 سياسي، سماجي، مذهبي، واپاري ۽ ادبي تنظيمون هڪ ئي ايجنڊا تي شامل آهن ته: باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏنو وڃي.

ان جدوجهد دوران تحريڪ پنهنجن ڪيترن ئي مخلص ساٿين کان محروم ٿي، جن ۾



ڪامريڊ قادر بروهي (جيڪو هر احتجاج جي اڳئين صف ۾ بيهندڙ اڳواڻ هئو)، محمد عظيم مسڻ (خاموش مزاج، پر انتهائي سرگرم ڪارڪن)، صاحب خان سومرو ۽ مولانا غلام شبير ايماني، اهي سڀ هي جهان ڇڏي ويا، پر آخر تائين اهي هن جدوجهد سان جڙيل رهيا.

انهن سان گڏ سنڌ جو تمام وڏو تعليمي ماهر ۽ پرنسپال بيدار جعفري پڻ هن تحريڪ جو وڏو حامي هو، اهو پڻ اسان کان وڇڙي ويو. پر انهن سمورن دوستن، تحريڪ جي ساٿين کي جيڪو حوصلو ۽ همٿ ڏني، سا انهن جي جدوجهد کي جِلا بخشي ٿي.

تنهن ڪري گذريل ستن سالن جي مسلسل ۽ پرامن جدوجهد ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته باڊهه جي عوام جو مطالبو ڪنهن سياسي مفاد، ذاتي خواهش يا عارضي جذبي تي ٻڌل نه آهي، پر اهو هڪ ڏکهي سوچ، عملي ضرورت ۽ عوامي خواهش جو اظهار آهي. اسين هڪ دفعو ٻيهر اميد ٿا ڪريون ته ايندڙ بلدياتي چونڊن کان پهريان ٺهندڙ نون انتظامي يونٽن واري لسٽ ۾ باڊهه تعلقي کي به شامل ڪري عوامي مطالبي کي مانُ ڏنو ويندو. ■

## خيرپورميرس، اسلام آباد، ناران، بٽا ڪنڊي، بابوسر، هنزا ۽ گلگت جو سفر_ 1

# فطرت جو حسن هر وڪ تي پنهنجو نئون روپ ڏيکاري رهيو هو

الطاف ابڙو



جولاءِ 2026ع جو اسان جو ڏهن ڏينهن وارو سفر به منهنجي زندگيءَ جي خوبصورت سفرن مان هڪ هو، جنهن دوران فطرت جي حسين نظارن سان گڏ دوستن جي بي لوث محبت، کل ٻوڳ ۽ يادگار لمحن اسان جي حياتيءَ جا ڪجهه ڏينهن وڌائي ڇڏيا.

6 جولاءِ 2026ع جي صبح جو خيرپورميرس اجا ننڊ ۾ پيل هئي ته اسان سفر جو سانباهو ڪري رهيا هئاسين. صبح جو 8 لڳي 20 منٽن تي مني ڪوسٽر راڻيپور، گمبٽ ۽ خيرپور مان رواني ٿيو. روهڙي انٽرچينج تي سکر جا دوست به اچي اسان سان شامل ٿيا. ائين قافلو مڪمل ٿيو. هن سفر جي اڳواڻي پروفيسر محمد ايوب مري ۽ پروفيسر اڪبر سرڪي ڪري رهيا هئا. سائين فقير عبدالرحمان (اطهر علي کهڙو)، سيد علي گل شاهه، نور حسن بلوچ، زاهد حسين سولنگي، حسن ڪوسو، محمد سليم جوڻو، ڊاڪٽر عديل لياقت پٽي، رياض حسين مري، زوار حسين حتار، عبدالقدوس سومرو، انور سولنگي ۽ هيءُ راقم (الطاف ابڙو) به ساٿي هئاسين.







گاڏي اڳتي وڌندي رهي. ڪنهن جي هٿ ۾ چاڪليٽ، ٽاڦيون ۽ چانهه جو ڪوپ هو، ڪو تصويرون ڪڍي رهيو هو، ته ڪو پراڻين يادن جا دفتر کولي ويٺو هو. هر چهري تي خوشي ۽ هر دل ۾ اتر پاڪستان جي حسين وادين کي ڏسڻ جي تمنا هئي.

ملتان ۾ منجهند جي ماني کائڻ کان پوءِ سفر ٻيهر شروع ٿيو. پنجاب جا سرسبز فصل، ڊگها رستا ۽ تيزيءَ سان ڊوڙندڙ گاڏيون ڏسندي وقت جو احساس ئي نه رهيو، پر سفر هميشه هڪجهڙو ناهي هوندو.

فيصل آباد جي ويجهو گلالي پور ڳوٺ ۾ پهتاسين ته اوچتو اسان جي ڪوسٽر جي انجڻ جواب ڏئي ويئي. گاڏي روڊ جي ڪناري بيهي رهي. اجا ان پريشانيءَ مان نڪتا ئي نه هئاسين، جو آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا. ڪجهه ئي لمحن ۾ تيز هوا اهڙي هلي، جو آنڌاريءَ سبب هڪ ٻئي کي سڃاڻڻ به ڏکيو ٿي پيو. اهڙي حالت ۾ هڪ ٻئي کي ڏسي کلندا رهياسين. فطرت ڄڻ پنهنجو ٻيو روپ ڏيکاري رهي هئي.
ٿوري دير کان پوءِ تيز برسات شروع ٿي وئي. اسان هڪ وين ۾ سامان رکي ان ۾ ويهي رهياسين. هڪ پاسي گاڏيءَ جي خرابيءَ جي فڪر ۾ هئاسين، ته ٻئي پاسي موسم جي شدت آزمائي رهي هئي. پر سفر جو اصل حسن به شايد اهڙين آزمائشن ۾ لڪل هوندو آهي. نيٺ منهنجي ۽ حسن ڪوسي جي ڪوشش کان پوءِ هڪ ٻي مني ڪوسٽر ملي وئي. سامان ان ۾ منتقل ڪيوسين ۽ وري پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿياسين. رات دير سان فيصل آباد ۾ ماني کاڌي، جنهن بعد اسلام آباد لاءِ نڪتاسين.
جڏهن رات جا لڳ ڀڳ ٽي ٿيا هئا ته اسلام آباد جي روشنين اسان جو استقبال ڪيو. هوٽل تي پهتاسين ته ٿڪ ضرور هو، پر دلين ۾ خوشي به هئي ته، اصل سفر ته هاڻي شروع ٿيڻ وارو آهي. صبح جو اسان کي ناران، ڪاغان ۽ برفاني چوٽين ڏانهن روانو ٿيڻو هو، جتي فطرت پنهنجي سڀ کان حسين صورت ۾ اسان جي انتظار ۾ هئي. اسلام آباد ۾ رات جي وقت ٿڪاوٽ ضرور هئي، پر اکين ۾ ناران جي خوابن جي چمڪ هئي.
صبح جو سوير هوٽل مان نڪري اسان پنهنجي اصل سفر تي روانا ٿياسين. ڊرائيور وقت جو پابند، نهايت مهذب ۽ تجربيڪار هو. سندس چهري تي اعتماد هو. ڄڻ ڪيس انهن جبلن جي هر وڪ جي خبر هجي.
اسلام آباد پٺتي رهجي ويو ۽ اڳيان هزاره جا سرسبز علائقا شروع ٿي ويا. ايبٽ آباد، مانسهره ۽ بالاڪوٽ کان ٿيندا اسان ڪاغان واديءَ ۾ داخل ٿياسين. هتان کان فطرت جو حسن هر وڪ تي پنهنجو نئون روپ ڏيکارڻ لڳو. روڊ جي هڪ پاسي ڪُنهار درياهه پنهنجي سموري مستيءَ سان وهي رهيو هو ته ٻئي پاسي آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ جبل بيٺل هئا. ڪٿي درياهه جو پاڻي پٿرن سان ٽڪرائجي موسيقي پيدا ڪري رهيو هو، ته ڪٿي آبشار جبلن جي چوٽيءَ تان لهي سفيد چادر وانگر پکڙجي رهيا هئا.
ڪجهه ڪلوميٽرن تي اسان جي گاڏي بيهندي رهي. جنهن دوران ڪو تصويرون ڪيندو رهيو، ڪو وڊيو ٺاهيندو رهيو، ته ڪو خاموش بيهي قدرت جي شاهڪارن کي پنهنجين اکين ۾ اتاريندو هو. مون کي هميشه لڳندو آهي ته ڪجهه منظر ڪئميرا ۾ نه، پر دل ۾ محفوظ ڪرڻ گهرجن. منجهند جو اسان ناران پهتاسين. ڪجهه سال اڳ وارو ناران ۽ اڄ جو ناران ڏسي وڏو فرق محسوس ٿيو. سياحن جو تعداد وڌي ويو هو، هوٽلن جون قطارون ڊگهيون ٿي ويون هيون ۽ بازارن ۾ اڳ کان وڌيڪ رونق هئي. ترقي ضرور ٿي هئي، پر ساڳئي وقت فطرت جي سادگي به ڪجهه گهٽ محسوس ٿي.
اسان جي دوستن فيصلو ڪيو ته ناران شهر بدران بٽه ڪنڊيءَ ۾ رهنداسين، جتي رش به گهٽ هوندي ۽ ماحول به وڌيڪ پرسڪون هوندو. ٿوري دير ۾ اسان بٽه ڪنڊي پهچي وياسين. ٿڌڙي هوا، جبلن جي خاموشي ۽ ڪُنهار درياهه جي آواز اسان جو استقبال ڪيو.
هوٽل جي سامهون هڪ شاندار عمارت تعمير ٿي رهي هئي. ڏسڻ ۾ ڪنهن محل کان گهٽ نه پئي لڳي. ان جي اڏاوت جديد طرز جي هئي، جڏهن ته مٿئين حصي تي مارخور جو وڏو مجسمو نصب ڪيو ويو هو، جيڪو هر ايندڙ ويندڙ جي نظر پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هو. مون دل ۾ سوچيو ته، پاڪستان جي سياحت جيڪڏهن اهڙي ريت ترقي ڪندي رهي ته اتر جا علائقا دنيا جي وڏن سياحتي مرڪزن سان مقابلو ڪرڻ لڳندا.
ٻئي ڏينهن صبح سوير اسان بابوسر ٽاپ ڏانهن روانا ٿياسين. جيئن جيئن اوچائي وڌندي وئي، تيئن تيئن موسم جو مزاج بدلجندو ويو. هيٺان سايون واديون هيون، مٿان ڪڪر جبلن کي ڀاڪر پائي رهيا هئا. ٿڌڙي هوا چهري کي ڇهندي اهڙو احساس ڏياري رهي هئي، ڄڻ فطرت پنهنجي هٿن سان اسان جي آجيان ڪندي هجي.
بابوسر ٽاپ پاڪستان جي انهن هنڌن مان هڪ آهي، جتي پهچي انسان کي پنهنجي ننڍڙي وجود جو احساس ٿئي ٿو. چوڌاري برف سان ڍڪيل چوٽيون، هيٺ گهاٽيون واديون، ۽ مٿان نيرو آسمان... هر منظر خالق جي عظمت جو اعلان ڪري رهيو هو.
اسان ڪجهه دير اتي ترسياسين. تصويرون ڪڍيون، گرم چانهه پيتي ۽ ٿڌڙي هوا ۾ گرم ساهه کنيا. جولاءِ جو مهينو هئڻ باوجود ٿڌ ايتري هئي، جو جيڪٽ کان سواءِ بيهڻ ڏکيو لڳي رهيو هو. سائين محمد ايوب مري ۽ سائين اڪبر سرڪي گاڏي مان پير به هيٺ نه لاٿو، باقي دوست پنهنجي پنهنجي مستيءَ ۾ هئا. ■

## الوداعي پارٽي

# جاپاني ڇوڪرين اسان جي ڪري پنهنجي ريل گاڏي ڇڏي

قربان منگي

31 مارچ 2026ع تي پاڪستان ايسوسيئشن ڪانسائي پاران الوداعي پارٽي رٿيل هئي. اسان جا جاپان ۾ قيامَ جا ڏينهن سوڙها ٿي رهيا هئا. ڪالهه 30 مارچ تي علي جوهر قوالن جي گروپ کي ٽوڪيو وٺي ويو هيو، جتان 7 اپريل تي سندن سنڌ واپسي هئي.

صبح جو حسب معمول تيار ٿي، نيپالي هوٽل تي آياسي، جتي نيرن ۽ مانجهاندو (گڏ) ڪري پنڌ ئي پنڌ ڊائون ٽائون (NAMBA) ڏانهن نڪري وياسي. گهمي ڦري، فوٽوگرافي ڪري شامَ ڌاران پنهنجي رهائش گاهه تي موٽي آياسي. رات جو اٺين وڳي شباب اسان وٽ آيو. ٻڌايائين ته، اڄ وٽس سيوِن سيٽر ڪونه آهي، ڪار آهي، سو سڀني جو گڏجي هلڻ ممڪن



ڪونه آهي. طئہ اهو ٿيو ته شباب ٽنهي ملهه پهلوانن کي پنهنجي ڪار ۾ ڪٺي ويندو، باقي مان ۽ سعيد، انڊر گرائونڊ ميٽرو ٽرين ۾ ويندا سين. محرم مجيداڻي جي خواهش هئي ته هو به ٽرين جو سفر ڪري، پَر سندس سنگت ڪيس نه ڇڏيو. ميٽرو ٽرين جي اسٽيشن پرسان ئي هئي. شباب چيو ته. ”توهان ٽرين پڪڙي اچي 7 نمبر اسٽيشن تي لهجو، اتي مان اڳ ۾ ئي موجود هوندس، ۽ توهان کي ڪٺي هلندس.“

اڄ اسان جي رات جي ماني ۽ سرٽيفيڪٽ ورهائڻ واري تقريب محراب پور واري اظهر آرائينءَ جي هوٽل تي رٿيل هئي. هوٽل جو نالو ”اوساڪا حلال مغل ريسٽورينٽ“ هيو. اظهر جاپان ۾ امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ جو ڪاروبار ڪندو آهي. ياروَيس ماڻهو آهي ۽ پاڪستان ايسوسيئشن ڪانسائي جو سرگرم اڳواڻ آهي.

اسان ميٽرو ٽرين جي ٽڪيٽ ورتي. 190 يان في ماڻهو جي حساب سان ڀاڙو هيو. ٽڪيٽ وٺڻ جو سسٽم آٽو ميٽڪ هُيو ۽ پڻ ٽرين ۾ چڙهڻ جو. 1991ع ۾ به ائين ئي هيو، جيئن هاڻ.

اسٽيشن نمبر 7 تي لٿاسي، پر ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي. چوڌاري ٻاهر نڪرڻ جا دروازا هيا. ”مومل جي ماڙيءَ کي چوڌاري چارا“ واري صورتحال هئي. اتي ئي اسٽيشن تي شاپنگ مال به هيو. هڪ ڇوڪريءَ کان رهنمائي وٺڻ چاهي سي، پَر اها ڪجهه نه ٻڌائي سگهي. اها پاڻ پرديسياڻي هئي. تائيوان جي هئي. ٻيون به جاپاني ڇوڪريون مليون، سي پاڻ ۾ ساهيڙيون هيون. انهن پنهنجي سهڻي سياءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ پنهنجي ٽرين ڇڏي اول اسان کي اچي ان جاءِ تي ڇڏيائون، جتي شباب اسان جي انتظار ۾ بيٺو هيو.

شباب اسان کي ڪار ۾ ڪنيو ۽ اچي ”اوساڪا حلال مغل ريسٽورينٽ“ تي رسياسي. پهرين ڏينهن يعني 24 مارچ تي اسان جي آجياڻي پارٽي پڻ ان ئي هوٽل تي ٿي هئي ۽ اڄ اتي ئي الوداعي پارٽي ٿي رهي هئي. ساڳيا دوستَ، ساڳيا چهرا نظر آيا. هلا ڳُلا لڳو پيو هو. هر ڪو خوش هيو. آرائين صاحب رات جي مانيءَ جو شاندار اهتمام ڪيو هو. ٻَڪرن جا روسٽ ٽيبلن تي سجايل هئا. ان ئي موقعي تي اسان پنجن ئي کي پاڪستان ايسوسيئشن ڪانسائي پاران مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

اظهر آرائينءَ کي اسان چيو ته اسان کي هيروشيما گهمائڻ جو پروگرام ٺاهه. هن ها ڪئي. آفتاب ڪلهوڙي به اسان کي اهڙو آسرو ڏنو هو، پر وقت ڪڏي نه سگهيو. هيروشيما، هتان ڪان هيو به الاهي پري.

بهرحال، الوداعي تقريب زبردست نموني ٿي، جنهن بعد شباب حيدر ۽ هڪ ٻي دوست ٻن ڪارن ۾ اسان کي اچي واپس پنهنجي ٺاڪَ تي ڇڏيو. ■

## سنڌوءَ ڪان بگ ايپل، نيويارڪ تائين _ 1

# هڪ خواب، هڪ جستجو

تاشفين رضوان



زندگيءَ ۾ ڪي فيصلا عقل نه، پر اندر جو آواز ڪرائيندو آهي. جيڪڏهن اصل سچاڻپ گهرجي، ته دنيا سان مخاطب ٿيڻو پوندو. آمريڪا وڃڻ جو منهنجو فيصلو به اهڙو ئي هو. اهو رڳو هڪ ملڪ ڏسڻ جو شوق نه هو، پر پنهنجي فن کي دنيا جي وڏي آرٽ منظرنامي تي پيش ڪرڻ جو ضد به هئو.

اسان جي سماج ۾ فن کي پسند ضرور ڪيو ويندو آهي، پر گهٽو ڪري تڏهن، جڏهن ان تي روايت جو رنگ غالب هجي. جيڪڏهن ڪو آرٽسٽ پنهنجي الڳ ٻولي، الڳ اظهار ۽ نئون فڪر ڪٺي اچي، ته ڪيترن لاءِ ان کي سمجهڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي.

مون پاڻ کان سوال ڪيو: ”ڇا مان به انتظار ڪندو رهان، يا پنهنجي فن کي دنيا تائين پاڻ ڪٺي وڃان؟“

جواب اندر مان ئي آيو: ”جيڪڏهن اصل سچاڻپ گهرجي، ته دنيا سان مخاطب ٿيڻو پوندو.“

منهنجي هميشه اها خواهش رهي آهي ته منهنجي فن کي اهڙي عالمي پذيرائي ملي، جهڙي عظيم آرٽسٽ پئبلو پڪاسو (Pablo

منهنجي سچاڻپ، منهنجون تصويرون، مجسما ۽ منهنجو فڪر، سڀ سنڌو ماٿريءَ ۽ موهن جي دڙي جي تهذيب سان ڳنڍيل آهي. مان پنهنجي تهذيب ۽ ثقافتي ورثي کي دنيا جي سامهون پيش ڪندو آهيان، ته جيئن دنيا ڄاڻي ته هيءَ ڌرتي رڳو تاريخ جو حصو نه آهي، پر اڄ به منهنجي فن وسيلي پنهنجي تهذيب ۽ ثقافتي ورثي کي زنده رکي ٿي. انهيءَ ارادي سان مون نيويارڪ جي عالمي آرٽ نمائش (Art Expo New York)لاءِ درخواست موڪلي.

Picasso) کي نصيب ٿي هئي. اهو خواب ڏکيو ضرور هو، پر ناممڪن نه هئو.

منهنجي سچاڻپ، منهنجون تصويرون، مجسما ۽ منهنجو فڪر، سڀ سنڌو ماٿريءَ ۽ موهن جي دڙي جي تهذيب سان ڳنڍيل آهي. مان پنهنجي تهذيب ۽ ثقافتي ورثي کي دنيا جي سامهون پيش ڪندو آهيان، ته جيئن دنيا ڄاڻي ته هيءَ ڌرتي رڳو تاريخ جو حصو نه آهي، پر اڄ به منهنجي فن وسيلي پنهنجي تهذيب ۽ ثقافتي ورثي کي زنده رکي ٿي. انهيءَ ارادي سان مون نيويارڪ جي عالمي آرٽ نمائش (Art Expo New York)لاءِ درخواست موڪلي.

منهنجي حيرت جي حد نه رهي، جڏهن منهنجي چونڊ ٿي وئي.

مون خاموشيءَ سان پاڻ کي چيو: ”هيءَ رڳو چونڊ نه، پر پهرين فتح آهي.“

پر ان خوشيءَ سان گڏ هڪ نئين حقيقت به سامهون آئي.

”پاسپورٽ...!“

مون وٽ پاسپورٽ ئي نه هو.

تڪڙي بنياد تي پاسپورٽ ٺهرايم. پوءِ خبر پئي ته آمريڪي ويزا لاءِ ڏکو عمل درڪار هو. معلومات گڏ ڪيم، DS-160فارم ڀريو، فيس جمع ڪرائي، ۽ انٽرويوءَ جي تاريخ ملي وئي.

ڪيترن ئي دوستن مون کي سمجهايو: ”خالي پاسپورٽ تي آمريڪا جو ويزا ملڻ ڏکيو هوندو. پهرين ٿائيلينڊ، ملائيشيا يا دبئي گهمي اچ، پوءِ آمريڪا لاءِ درخواست ڏي.“

مون دل ۾ مرڪي چيو: ”مان تاريخ ٺاهڻ نڪتو آهيان، تاريخ ورجائڻ نه.“

مان روايتي پيچرن تي هلڻ بدران پنهنجو رستو ٺاهڻ تي يقين رکندو آهيان. شايد تخليقڪار جي اصل سچاڻپ به اها ئي هوندي آهي ته هو اڻڄاتل واٽن تي پنهنجي راهه پاڻ هموار ڪري.

هاڻي منهنجي سامهون ايندڙ مرحلو آمريڪي سفارتخاني جو انٽرويو هو، جتي منهنجا خواب منهنجو انتظار ڪري رهيا هئا.

انٽرويو جي تاريخ ويجهو ايندي وئي، پر منهنجو اعتماد ويتر مضبوط ٿيندو ويو. مون پاڻ کي چيو: ”جيڪو فن تي يقين رکين ٿو، ته پنهنجي قسمت کان ڊڄڻ نه گهرجي.“

جنوريءَ جي سخت سرد صبح هئي. اڃا اونداهي باقي هئي، جڏهن مان سوبر ڪار هلائيندي آمريڪي سفارتخاني ڏانهن روانو ٿيس. مقرر وقت کان هڪ ڪلاڪ اڳ ئي پهچي ويس. سيڪيورٽي چيڪ کان پوءِ ٻاهر ٿڌ ۾ ويهي پنهنجي واري جو انتظار ڪندو رهيس.

جڏهن منهنجو نمبر آيو ته هر شيءِ جمع ڪرائڻي پئي. بيلٽ، گهڙي، کيسي ۾ موجود ننڍيون شيون—هر شيءِ اسڪين ٿي. ان لمحي مون دل ۾ سوچيو: ”زندگي به ڪيڏي نه عجيب آهي! ڪڏهن انسان کي اهڙن پيچرن مان گذاري ٿي، جتي رڳو صبر ئي ساٿي هوندو آهي.“

اندر ڊگهيون قطارون هيون. هر چهري تي پريشاني نمايان هئي. ماڻهو آهستي آهستي اڳتي وڌي رهيا هئا. سامهون شيشي جي دريءَ جي پويان ويٺل ويزا آفيسر سوال پڇي رهيو هو.

هڪ ٻئي پٺيان ڪيترائي ماڻهو مايوس ٿي موٽي رهيا هئا. ڪنهن کي فقط چند سوالن کان پوءِ چيو ٿي ويو: Try next time

اهو جملو ٻڌندي قطار ۾ بيٺل ڪيترن ماڻهن جا چهرا لهي ٿي ويا.

مون خاموشيءَ سان دل ۾ چيو: ”جيڪڏهن منهنجي ويزا منظور ٿي ته اها رڳو منهنجي ذات جي ڪاميابي نه هوندي، پر هن ڌرتيءَ جو هڪ آرٽسٽ دنيا جي وڏي آرٽ منظرنامي تائين پهچندو ۽ پنهنجي تهذيب جي سچاڻپ ۽ نمائندگي ڪندو.“

آخرڪار منهنجو وارو آيو.

شيشي جي ٻئي پاسي هڪ مرڪندڙ آفيسر ويٺي هئي، جنهن پڇيو: ”آمريڪا ڇو ٿا وڃڻ چاهيو؟“

مون بنا جهجهڪ جي جواب ڏنو: ”نيويارڪ ۾ ٿيندڙ Art Expo ۾ پنهنجي فن جي نمائش لاءِ وڃي رهيو آهيان.“

هن ڪجهه دستاويز ڏٺا.

”ڇا توهان جي شرڪت پڪي آهي؟“

مون دعوت نامو ۽ نمائش جا دستاويز سندس سامهون رکيا.

ڪجهه گهڙيون خاموش رهي. پوءِ هن مالي وسيلن بابت سوال ڪيو.

مون مختصر، پر پُراعتماد جواب ڏنو. ان وقت مون محسوس ڪيو ته:”انٽرويو ۾ لفظن کان وڌيڪ اهميت اعتماد جي هوندي آهي.“

هن وري پڇيو: ”هي توهان جو آمريڪا ڏانهن پهريون سفر آهي؟“

”جي ها.“

”۽ پاسپورٽ به نئون آهي؟“

”ها، تازو ئي ٺهرايو اٿم.“

پوءِ هن مرڪندي پڇيو: ”توهان ڪهڙي قسم جا آرٽسٽ آهيو؟“

مون به مرڪندي جواب ڏنو: ”توهان منهنجو نالو، تاشفين رضوان، گوگل تي ڳولي سگهو ٿا.“

هن ڪجهه لمحن لاءِ اسڪرين ڏانهن نظر وڌي. منهنجي دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي وئي.

”هاڻي ڇا ٿيندو...؟“

اوچتو هن مرڪندي چيو:

Congratulations... Your visa is approved.”“

اهي لفظ ٻڌندي ڄڻ دل تان وڏو بار لهي ويو.

هن منهنجو پاسپورٽ پاڻ وٽ رکيو ۽ سائي رنگ جي هڪ پرچي منهنجي هٿ ۾ ڏني.

ٻاهر نڪتس ته منهنجي چهري تي خوشي ۽ اعتماد صاف نظر اچي رهيو هو. مون دل ۾ چيو: ”هيءَ رڳو ويزا نه آهي؛ پر اهو خوابن جي حقيقت بڻجڻ ڏانهن کليل پهريون دروازو آهي.“

سڀ کان پهريان مون امان کي فون ڪيو.

”امان، توهان جون دعائون قبول ٿي ويون... ويزا ملي ويئي.“

فون جي ٻئي پاسي خوشي هئي، ۽ منهنجي دل ۾ بيحد شڪر.

ٻئي ڏينهن جڏهن پاسپورٽ تي آمريڪي ويزا لڳل ڏٺم، تڏهن مون کي يقين آيو ته هاڻي خواب رڳو خواب نه رهيو هو؛ هاڻي سفر واقعي شروع ٿيڻ وارو آهي. ■

هن جدوجهد جا ٻه مک ڪردار هئا: هڪ سونم وانگچي، جيڪو سماجي ڪارڪن هو. ان جو والد به سماجي اڳواڻ هو، جنهن بک هڙتال ڪئي هئي ته اڳوڻي وزير اعظم اندرا گانڌي سندس بک هڙتال ختم ڪرائڻ آئي هئي.

# ڀڳت سنگهه جي سپاهين جي سوڀ: فاشسٽ مودي سرڪار جي ابتي ڳڻپ شروع



الهه بخش راٺوڙ

ڀارتي نوجوانن، جن کي جنريشن زيڊ سڏجي ٿو، انهن ڪاڪروچ جنتا پارٽي جي پليٽ فارم تان سوڀ حاصل ڪري ورتي. ان جدوجهد ۾ ڀارت جي ڪيترين ئي رياستن جي لکين نوجوانن حصو ورتو. انهن ميڊيڪل ٽيسٽ جي پيپر ليڪ ڪرڻ تي تعليم جي وزير کان استعفيٰ گهري، جيڪا نوجوانن تي وحشياڻي تشدد باوجود وزير کي ڏيڻي پئي. مودي، جيڪو شروع کان اها رٽ لڳائي ويٺو هو ته، سندس سرڪار مان ڪو به استعفيٰ نه ڏيندو، نه ئي اها سندن روايت آهي، پر نوجوانن پهرين مرحلي ۾ تعليم جي وزير جي استعفيٰ گهري. ان سان گڏ انهن وزير اعظم مودي جي استعفيٰ جو به مطالبو ڪيو. نوجوانن جي ان تحريڪ کي ٽوڙڻ لاءِ هڪ ڀيرو ٻيهر هندو مسلم ڪارڊ جو استعمال ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي وئي، پر نوجوانن هر چال کي ناڪام بڻائي ڇڏيو.

احتجاج دوران، جتي مزيدار نعرا ايجاد ڪيا ويا، اتي ڪجهه اهڙا منظر به نظر آيا، جن هندو، مسلم ايڪتا جي علامت بڻجي مودي جي پاڙ ڪوٽي. نوجوانن جي جدوجهد آخرڪار رنگ لاتو، تعليم جي وزير ته استعفيٰ ڏئي ڇڏي آهي، پر هاڻ ڪنهن جو وارو آهي؟ يقينن وزير اعظم به جنريشن زي جي طاقت، همت ۽ حوصلي کان ڊڄي ويو آهي ۽ اهو ڏينهن پري ناهي، جڏهن نيپال ۽ بنگال جيان ڀارت اندر به سياسي تبديلي ايندي.

ڀارت ۾ بي جي پي، جيڪا ڪنهن اڌوهي جيان جمهوريت کي ڪائي رهي آهي، اتي نوجوانن جي طاقت جي مظاهري حڪمرانن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا. نوجوانن جنتر منتر چوڪ تي سوڀ جو جشن ته ملهايو، پر في الحال جدوجهد جو ٻيو مرحلو شروع ڪرڻ لاءِ احتجاج کي ملتوي ڪري ڇڏيو. ڀارت جي نوجوانن، جن ۾ اڪثريت شاگردن جي هئي، انهن جي احتجاج جو سڏ ورنائڻ لاءِ ملڪ جي سپراسٽارز: امتياب بچن کان وٺي سلمان خان، شبانا اعظمي، نصيرالدين شاهه ۽ سونيڪشا سنها سميت سڀ نظر آيا. انهن نوجوانن جو حوصلو وڌايو. انهن مودي سرڪار جي فاشسٽ قدمن جي مذمت ڪئي. ان سان گڏ مخالف ڌر جي پارٽي_ ڪانگريس جي اڳواڻ: راهول گانڌي ۽ پريانڪا گانڌي سميت ٻيا ڪيترائي اڳواڻ اڳيان اڳيان نظر آيا، جن پڻ وزير اعظم موديءَ جي گهر جي سامهون ڌرڻو هڻي رستا بند ڪري ڇڏيا. اها الڳ ڳالهه آهي ته هن ڀيري رياستي تشدد جا سموارا ريڪارڊ ٽوڙيا ويا. معصوم نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين تي پوليس نه صرف لٺين جو وسڪارو ڪيو، پر انهن کي نئين دهلي کان وٺي پٽنا تائين گهليو ويو. هڪ شاگردياڻي پوليس اهلڪارن کي مخاطب ٿي چئي رهي هئي ته، توهان کي اسان پنهنجي

**هڪ نوجوان صحافين کي انٽرويو ڏيندي چيو ته، ”اسان ته ڀڳت سنگهه جا سپاهي آهيون. اسان پنهنجي جان ڏئي سگهون ٿا، پر پوئتي نه هٽنداسين.“ هڪ ڇوڪري جيڪا احتجاج دوران فوٽپاٿ تي ڀڳت سنگهه جو ڪتاب پڙهي رهي هئي، ان کان ميڊيا واري پڇيو ته، توهان ڀڳت سنگهه کي ڇو ٿا پڙهو؟ ته ڇوڪريءَ چيو ته، ڀڳت سنگهه جيڪو لکي ويو، ڀارت جون حالتون ساڳيون آهن.**



حفاظت لاءِ مقرر ڪيو آهي ۽ توهان اسان تي تشدد ٿا ڪريو؟ توهان ڇوڪرين جي عزت نٿا ڪريو.“ ان تي نوجوان پوليس اهلڪار شرمساريءَ وچان منهن لڪائي رهيا هئا. سموري دنيا، مودي سرڪار جي ننگي رقص کي ڏٺو. هي اهي نوجوان آهن، جن جي وڏن وڏي چڙهي موديءَ جي حمايت ڪئي هئي. هاڻ انهن جو اولاد روڊن ۽ رستن تي نڪري حڪمرانن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري رهيو آهي.

ڀارت جا هي نوجوان جيڪي ميڊيڪل ٽيسٽ ۾ پيپر آئوٽ ڪرڻ تي ميدان ۾ نڪتا، انهن مان 25 ڄڻن آپگهات ڪيو. انهن صرف انڪري پنهنجي جان جي قرباني ڏني، ڇاڪاڻ ته اهي ناانصافي کي برداشت نه ڪري سگهيا. تعليم جي وزارت لکين نوجوانن کي ٽيسٽ ۾ ويهڻ ته ڏنو، پر انهن سان ناانصافي ٿيڻ تي ڪين ٽيسٽ به ملتوي ڪرڻي پيئي. جڏهن ٻيهر ٽيسٽ ورتي وئي ته پهرين ٽيسٽ ۾ ويهندڙ 2 لک نوجوان مايوس ٿي ٽيسٽ ڏيڻ لاءِ آيا ئي نه. نوجوانن جي آپگهات ڪين ڪاوڙائي ڇڏيو، انڪري هو جنتر منتر کان وٺي بهار تائين سراپا احتجاج بڻجي ويا.

نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي سوشل ميڊيا تي ڏسي سموري دنيا حيران آهي. عام ميڊيا تي بي جي پي جي حامين جو قبضو آهي، پر سوشل ميڊيا جنريشن زي جو سگهارو هٿيار رهي. نوجوانن جو چوڻ هو ته هاڻي پاڪستان جي خلاف مذهبي ڪارڊ نه هلندو. هاڻ گهٽو ٿي ويو. مودي سرڪار جا ڏينهن ڳڻجي چڪا آهن. انهن نوجوانن ڀارت جي تاريخ مان مسلمان هيروز جا نالا ڪڍي ٻڌايو ته، انهن ڪيئن پنهنجي ديس لاءِ جانيون ڏنيون. انهن ياد ڏياريو ته مولانا حسرت موهاني به مسلمان هو، ابو الڪلام آزاد به مسلمان هو. ان سان گڏ جڏهن به ملڪ تي اوکي ويل آئي آهي ته انهن مسلمانن پنهنجو تن، ڌن ۽ من قرباني ڪيو آهي. احتجاج دوران هڪ مسلمان کي نماز پڙهندي ڏيکاريو ويو. ان کي پڪو وري هڪ هندو هٽي رهيو هو ته جيئن ان جي عبادت ۾ خلل نه پوي. جنتر منتر تي نوجوانن جي خدمت ڪندڙ به هڪ مسلمان نوجوان هو. ان پنهنجي ڪيسي مان نوجوانن لاءِ نيرن تيار ڪئي، برياني ڪارائي ۽ بوتلون پياريون. اهي نوجوان، ان مسلمان جي واکاڻ ڪندي نه پئي ٿڪيا.

سوشل ميڊيا تي ڪيترائي منظر ڏيکاريا ويا. سموري دنيا ڏٺو ته هڪ طرف ڀارتي پوليس تشدد شروع ڪيو ته نوجوانن مزاحمت کان پاسو ڪيو، ۽ جيئن ئي انهن جي ساٿين کي ڪٽي پوليس جي گاڏين ۾ اڇلايو ويو ته نوجوانن جو خون گرم ٿي ويو. پوءِ ته پوليس وارن کي جاءِ نه پئي ملي ته پناهه وٺن. پوليس وارن کي نوجوانن ڊوڙائي ڊوڙائي زخمي ڪيو. انهن نوجوانن کي وڌو حوصلو سونم وانگچي ڏنو. هي سماجي ڪارڪن آهي. ان 26 ڏينهن تائين بک هڙتال ڪئي. 24 ڏينهن تي هو صحيح طريقي سان ڳالهائي به نٿي سگهيو، پر ان جي باوجود چئي رهيو هو ته، مان رڳو جسماني طور تي ڏٻرو ٿي ويو آهيان، منهنجي مرڻ جو ڪو پروگرام ناهي. مان مري به وڃان ته پنهنجي جدوجهد جاري رکجو.

هنن نوجوانن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ڪمال جي مزاحيه شاعري به تخليق ڪئي. نيها سنگهه راٺوڙ سيني ڪان وڌيڪ وائرل ٿي. هوءَ چئي رهي هئي ته، ”چائي والي ڪو هم ني چنا چوڪيدار، چدا چور هوگئي مهراج.“ انهن نوجوانن جا نعرا به شاندار ٻڌڻ ۾ آيا: هڪڙو نعرو هو، ”جب پي مودي ڊرتا هي، پوليس ڪو آگي ڪرتا هي. مودي جي چائي بيچو، ديش نهين.“ 56 انچ ڪا ڇوٽا بندر، ڀاڳ نريندر، ڀاڳ نريندر. جلمي جب جب جلم ڪريگا، ڇپا ڇپا، گونج اٿيگا...“

هڪ نوجوان ڪان صحافين کي انٽرويو ڏيندي چيو ته، ”اسان ته ڀڳت سنگهه جا سپاهي آهيون. اسان پنهنجي جان ڏئي سگهون ٿا، پر پوئتي نه هٽنداسين. هو سرحد جي گانڌيءَ جو حوالو ڏئي رهيو هو ته، خان غفار خان چيو هو ته، جيڪڏهن پٺاڻ جي، پاسي ۾ گولي لڳندي ته اسان آزادي تان هٿ کڻي ويندا سين. جيڪي 60 پٺاڻ گولين جو ڪاچ ٿيا، انهن جي ميڊيڪل رپورٽ آئي ته انهن جي سيني ۾ گوليون لڳل هيون. هڪ ڇوڪري جيڪا احتجاج دوران فوٽپاٿ تي ڀڳت سنگهه جو ڪتاب پڙهي رهي هئي، ان کان ميڊيا واري پڇيو ته، توهان ڀڳت سنگهه کي ڇو ٿا پڙهو؟ ته ڇوڪريءَ چيو ته، ڀڳت سنگهه جيڪو لکي ويو، ڀارت جون حالتون ساڳيون آهن.

هڪ ٻيو نوجوان، جيڪو پنهنجي ڀيڻ سان گڏ احتجاج ۾ شامل هو، چئي رهيو هو ته، پوليس ته تشدد ڪيو، پر حڪمرانن مندرن جا به در بند ڪرائي ڇڏيا ته جيئن اتي پناهه نه وٺي سگهون، پر اسان مسجدن جا در کليل ڏٺا ۽ اتي عبادتگذارن پناهه ڏني. انهن اهو به نه سوچيو ته، اسان هندو آهيون، عيسائي آهيون يا مسلمان!

هن جدوجهد جا ٻه مک ڪردار هئا: هڪ سونم وانگچي، جيڪو سماجي ڪارڪن هو. ان جو والد به سماجي اڳواڻ هو، جنهن بک هڙتال ڪئي ته اڳوڻي وزير اعظم اندرا گانڌي سندس بک هڙتال ختم ڪرائڻ آئي هئي. ٻيو اهم ڪردار ڪاڪروچ پارٽي جو باني اڀي جيت ديپڪي هو، جنهن سموري جدوجهد کي منظم ڪيو. هي ساڳيو اڀي جيت آهي، جنهن نوجوانن لاءِ ملڪ جي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس ”ڪاڪروچ“ لفظ استعمال ڪيو ته هن سوشل ميڊيا تي کلي عام چيو ته، ”ها، اسان ڪاڪروچ آهيون،“ ۽ ڪروڙين نوجوانن ان جي حمايت ڪئي.

نوجوانن جي اها جدوجهد دنيا جي تاريخ ۾ يادگيري ڏياريندي ته انهن ڪيئن هڪ فاشسٽ حڪمران نريندر مودي کي گوڏن ڀر جهڪايو. جنريشن زي نه صرف پنهنجا مطالبا مڃرايا، پر اهو به ثابت ڪيو ته نوجوان ئي ملڪ جي اصل طاقت آهن. هي نوجوان جيڪي ملڪي آبادي جو 40 سيڪڙو آهن، اهي 40 ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهن. انهن جي ووٽ سان مستقبل جي حڪومت ٺهندي به، ته ڊهندي به. ■